دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي رڪن مفتي محمد فاروق
العطاري المدني جي احوال زندگي تي مشتمل اهم تاليف

# مفتيءِ
# دعوتِ اسلامي

پيشڪش

مرڪزي مجلسِ شوريٰ (دعوت اسلامي)

# يادداشت

مطالعي جي دوران ضرورت مهل اندر لائن ڪري، اشارا لکي ڪري صفحو نمبر نوٽ فرمايو، **اِنْ شَآءَالله** عَزَّوَجَلَّ عِلم ۾ ترقي ٿيندي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

# مفتي دعوت اسلامي

## پيشڪش

مرڪزي مجلس شوريٰ(دعوت اسلامي)

**مجلس تراجم هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.**

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 91-90-021-34921389

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

كتاب جو نالو : مفتي دعوت اسلامي

پيشڪش : مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ڇپائي جي تاريخ :

ڇاپيندڙ : مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

## مڪتبة المدينه جون مختلف برانچون

| | |
|---|---|
| مڪتبة المدينه: شهيد مسجد کارادر باب المدينه ڪراچي | 021-32203311 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه آفندي ٽاؤن حيدرآباد | 022-2620122 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه العطار ٽاؤن ميرپورخاص | 023-3514672 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه مارڪيٽ روڊ دادو | 025-4611541 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه سکر | 071-5619195 |
| مڪتبة المدينه: چڪرا بازار نوابشاه | 024-4362145 |
| مڪتبة المدينه: رابعه شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪانه | 074-4054191 |
| مڪتبة المدينه: عطار آباد (جيڪب آباد) | 027-2710635 |
| مڪتبة المدينه: خضر حيات مسجد ٺٽو | |

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي-

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ”مفتيءِ دعوتِ اسلامي“ جي 15 اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون 15 نيتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ۔
**يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.**

(المعجم الکبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

## ٻہ مدني گُل:

**1 بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.**
**2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.**

﴿1﴾ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلّ جي لاءِ هن ڪتاب جو اول کان آخر مطالعو ڪندس. ﴿2﴾ حتي الوسع ان جو باوضو ۽ ﴿3﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهي مطالعو ڪندس ﴿4﴾ قرآني آيات ۽ ﴿5﴾ احاديث مبارڪ جي زيارت ڪندس ﴿6﴾ جتي جتي الله جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلّ ۽ ﴿7﴾ جتي جتي سرڪار جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس ﴿8﴾ مفتيءِ دعوتِ اسلامي حاجي محمد فاروق العطاري المدني عليه رحمة الله الغني جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪندس ﴿9﴾ هن روايت ”عِنْدَ ذِكْرِ الصَّالِحِيْنَ تَنَزَّلُ الرَّحْمَة“ يعني نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي . (حلية الاولياء ج 7 ص 335 رقم 10750) تي عمل ڪندي هن ڪتاب ۾ ڏنل واقعا ٻين کي ٻڌائي ڪري ذڪرِ صالحين جون برڪتون حاصل ڪندس ﴿10﴾ (پنهنجي

ذاتي نسخي تي) عندالضرورت خاص خاص جڳھن تي انڊرلائين ڪندس ﴿11﴾ (پنھنجي ذاتي نسخي تي) يادداشت واري صفحي تي ضروري نڪات لکندس ﴿12﴾ ٻين کي ھي ڪتاب پڙھڻ جي ترغيب ڏياريندس ﴿13﴾ ھن حديث پاڪ "تَهَادُوا تَحَابُوا" يعني ھڪ ٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي . (موطا امامالڪ ج 2 ص 407 رقم 1731) تي عمل جي نيت سان (گھٽ ۾ گھٽ 12 عدد يا حسب توفيق ) ھي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفتاً ڏيندس. ﴿14﴾ ان ڪتاب جي مطالعي جو ثواب سموري امت کي ايصال ڪندس ﴿15﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي تہ ناشرين کي مطلع ڪندس .

اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اَلمدينةُ العِلمِيّة

از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا
ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلحمدُ لله عَلٰي اِحسَانِهٖ وَ بِفَضلِ رَسُولِهٖ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”دعوت اسلامي“ نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان هڪ مجلس ”المدينة العلمية“ به آهي جيڪا دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتين سڳورن ڪَثَّرَهُمُ اللهُ تعالٰي تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کڻي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

(1) شعبهء ڪُتُبِ اعليٰ حضرت
(2) شعبهء درسي ڪُتُب
(3) شعبهء اِصلاحي ڪُتُب
(4) شعبهء تفتِيشِ ڪُتُب
(5) شعبهء تَخرِيج
(6) شعبهء تراجِمِ ڪُتُب

”المدينة العلمية“ جي اولين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهء شمعِ رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق حتي الوسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي، تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ به مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي به انهن جي ترغيب ڏيا رين.

الله عَزَّوَجَلَّ ”دعوتِ اسلامي“ جي سڀني مجلسن گڏوگڏ ”اَلمدينةُ العِلمِية“ کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.
اٰمين بجاهِ النّبيِّ الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# پيش لفظ

متا متا اسلامي ڀائرو!

يقيناً نيڪن جي واقعات و حالات ۾ اهلِ نظر جي لاءِ عبرت ۽ بصيرت جو ڪثير سامان هوندو آهي، انهن جي ذڪر سان دلين کي روشني، روحن کي تازگي ۽ فڪرو نظر ۾ پختگي پيدا ٿيندي آهي اهو ئي سبب آهي جو قرآنِ ڪريم جتي اسرار و احڪام ۽ شرائع و قوانين جي وضاحت ڪئي آهي، اتي ئي انبياء سابقين عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ اڳوڻين قومن جا حال احوال به وڏي اثر انگيزي ۽ فياضي سان بيان ڪيا آهن ۽ اسان جي لاءِ انهن کي سامان عبرت و بصيرت قرار ڏنو آهي، جيئن ارشاد ٿئي ٿو:

لَقَدْ كَانَ فِىْ قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّاُولِى الْاَلْبَابِ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ انهن جي واقعات ۾ عقلمندن لاءِ عبرت آهي.

(پ 13، يوسف، 111)

بلاشبہ حياتِ صالحين جو لمحو لمحو پنهنجي اندر بي پناه ڪشش رکي ٿو، انهن جي زندگي جو پيروي لائق پهلو هي آهي تہ آخرت جون رونقون، جنّت جون بهارون، عقبيٰ جون مسرتون ۽ حسن حقيقي جي ديدار جون لذتون انهن جي دل ۽ نگاھ ۾ موجود هونديون آهن. ان لاءِ اهي پنهنجي حقيقي پالڻهار عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي جستجو ۾ لڳل رهندا آهن ۽ دنيا ۾ هڪ مسافر جيان زندگي گذاريندي جهانِ آخرت کي پنهنجي پيش نظر رکندا آهن. ان جهانِ باقي جي آبادڪاري جي لاءِ اهي اهڙي طرح مشغول نظر ايندا آهن جيئن ڪو ظاهر شناس انسان هن دنياءِ فاني جي آباد ڪاري جي لاءِ هر لمحي ۾ بيقرار نظر ايندو آهي ۽ جهڙي طرح ان کي خوف

ٿيندو آهي ته جيڪڏهن مون ٿوري به غفلت ڪئي ته پنهنجي هڪ جيڏن ڪان تمام پوئتي ٿي ويندس، ٿوري به پل ٿي ته منهنجو متوقع نفعو خساري ۾ تبديل ٿي ويندو، اهڙي طرح انهن نفوسِ قدسيه کي هي خوف لاحق هوندو آهي ته جيڪڏهن اهي دنياوي لذات ۽ آسائش ۾ گم ٿي ويا ته ابدي زندگي ويران ٿي سگهي ٿي. اها ابدي زندگي جيڪا ڪڏهن به ختم ٿيڻي ناهي، سٺ يا ستر سالہ دنياوي زندگي جي رونق، لذتن ۽ آسائشن ۾ قاسي ڪري ان حياتِ دائمي کي بي رونق و بي ڪيف بڻائڻ يقيناً بي عقلي ۽ جنون آهي، فڪرِ آخرت انهن کي اهڙو بيتاب ڪندو آهي جو انهن کي نہ تہ هتان جا عاليشان محلات وڻندا آهن ۽ نہ دولت جي چمڪ انهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. دراصل انهن جون نگاهون تہ پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي رضا ڏانهن هونديون آهن ۽ اهي انهن تمام شين کان وڌيڪ عاليشان ۽ پُرڪيف جنّتي نعمتن جا خواهشمند هوندا آهن، اهي ئي اهي هستيون آهن جن جو ذڪر به باعثِ نزولِ رحمت آهي، جيئن تہ حضرت سفيان بن عيينہ رضي الله تعالى عنه فرمائن ٿا: ”عِنۡدَ ذِكۡرِ الصَّالِحِيۡنَ تَنَزَّلُ الرَّحۡمَةُ“ يعني نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي.“

(حلية الاولياء ج 7 ص 335 رقم 10750)

هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اهو اعليٰ و پاڪيزه طرز زندگي انهن ئي نفوسِ قدسيہ جو حصو آهي اسان جهڙن مفلسن جي لاءِ انهن جي نقش قدم تي هلڻ ناممڪن نہ تہ بيحد دشوار ضرور آهي پر جيڪڏهن اسان انهن پاڪيزه هستين جي نقش قدم تي نہ ٿا هلي سگهون تہ پنهنجي نيّتن ۽ پنهنجي معاملات کي تہ سنواري سگهون ٿا. مولاءِ حقيقي جي ناراضگي ڪٽي پنهنجي نفس جي

خوشي جي سودن کان تہ پري رهي سگهون ٿا، حلال و حرام جي تميز آخرت جي لاءِ نفعو، نقصان ۽ پنهنجي ربِ قدير جي غضب و رضا جو خيال تہ رکي سگهون ٿا.

انهن تمام ڳالهين جي پيش نظر ڪجھ عرصو اڳ اوچتو انتقال ڪري وڃڻ واري هڪ صالح و متقي عالمِ دين ۽ تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي رڪن الحافظ القاري المفتي محمد فاروق العطاري المدني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الغني جا مختصر حالاتِ زندگي بنام ” مفتيءِ دعوتِ اسلامي“ پيش ڪيا پيا وڃن. مفتيءِ محمد فاروق عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ البارِي دينِ اسلام جا مخلص ۽ پر جوش مبلغ هئا. ”مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي مقدس جذبي تحت پاڻ راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ هند، دبئي، ۽ پاڪستان جي تمام صوبن پنجاب، سرحد، بلوچستان، سنڌ ۽ ڪشمير جو سفر بہ ڪيو، زُهد و ورع ۽ تقويٰ و پرهيزگاري ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئا ۽ هن حديث پاڪ جي مصداق هئا: ”كُنْ فِي الدُّنْيَا كَأَنَّكَ غَرِيبٌ“ يعني دنيا ۾ اهڙي طرح رهو جڻ تہ توهان مسافر آهيو.“ (صحيح البخاري ج 4 ص 223 الحديث 6416)

مفتيءِ دعوتِ اسلامي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الغني جي باري ۾ وڌيڪ تفصيلات ڄاڻڻ جي لاءِ ڪتاب جو مطالعو جاري رکو! هن ڪتاب کي دعوتِ اسلاميءَ جي مجلس المدينة العلمية جي شعبہ اصلاحي ڪُتب جي ذميداران مرتب ڪيو آهي هن ڪتاب کي نہ صرف پاڻ پڙهو بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي هن جي مطالعي جي ترغيب ڏئي

ثوابِ جاريہ جا مستحق بڻجو الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ اسان کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن جو مسافر بڻجندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ دعوتِ اسلامي جي تمام مجالس بشمول المدينة العِلميه کي ڏينهن يارهين رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شعبہ اصلاحي ڪُتُب (مجلس المدينة العلميہ)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## دُرود شريف جي فضيلت

شيخِ طريقت، امير اهلسنّت، عاشقِ اعليٰ حضرت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي رسالي ”ضياءِ دُرود وسلام“ ۾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نقل فرمائن ٿا: ”الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن ۽ نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ موڪلين تہ انهن جي جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن.“

(مسند ابي يعليٰ ج 3 ص 95 رقم الحديث 2901)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ولادت ۽ ابتدائي تعليم

مفتيءِ دعوتِ اسلامي الحافظ القاري محمد فاروق العطاري المدني عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَنِي جي ولادت 26 آگسٽ 1976ع ماهِ رمضان المبارڪ ۾ ”لاڙڪاڻي“ ۾ ٿي، (هن شهر جو نالو امير اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سندن وفات کان پوءِ ”فاروق نگر“ رکيو آهي) اسڪول کان واپسي تي والده کي قرآن پاڪ ٻڌائيندا هئا. ابتدائي تعليم ۽ حِفظ دارالعلوم احسن البرڪات (حيدرآباد سنڌ) مان ڪيو، فاروق نگر (لاڙڪاڻي) مان حيدرآباد ۽ پوءِ 1989ع ۾ باب المدينہ (ڪراچي) منتقل ٿي ويا.

## دعوتِ اسلامي کان ڪيئن متاثر ٿيا؟

مفتيءِ دعوتِ اسلامي حاجي محمد فاروق العطاري المدني

عَلَيْهِ رَحمَةُاللهِ الغني دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي جي باري ۾ پاڻ ڪجهه هن طرح ٻڌايو تہ مون جڏهن پهريون ڀيرو سنتن ڀريي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪئي تہ آخر ۾ رقت انگيز دعا ٻڌي بيحد متاثر ٿيس بس ان دُعا جو انداز پسند اچي ويو، ان ڪانپوءِ دعوتِ اسلامي جون منزلون طئي ٿينديون ويون. اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ

## عهدِ طالبِ علمي جو ڪردار

باب المدينہ ڪراچي ۾ دعوتِ اسلامي جي جامعة المدينہ ۾ 1995ع ۾ داخلا ورتائون. پاڻ پنهنجي عادتن ۽ خوش اخلاقي ۾ ٻين طالبن کان ممتاز حيثيت رکندا هئا، گڏ پڙهڻ وارن مدني عالمن جو بيان آهي: طالب علمي واري زماني ۾ جڏهن پڙهائي جي وچ واري وقفي ۾ اسان چانهہ وغيره پيئڻ جي لاءِ هوٽل ۾ ويندا هئاسين تہ پاڻ ان وقفي مان فائدو کڻندي قرآن مجيد جي تلاوت شروع ڪري ڇڏيندا هئا، هڪ دفعي پڇڻ تي فرمايائون: اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ! مان روزانو هڪ منزل تلاوت ڪندو آهيان (قرآن پاڪ جون ست منزلون آهن، هن طرح پاڻ ستن ڏينهن ۾ قرآن مجيد ختم ڪندا هئا) زبان جو قفلِ مدينہ تمام مضبوط هو، پاڻ گفتگو شروع ڪرڻ بدران اڪثر سامهون واري جي ڳالهہ شروع ڪرڻ جا منتظر رهندا هئا، ڪڏهن ٺهڪ لڳائيندي نہ ڏٺو ويو، البت انهن جي چپن تي مُرڪ ضرور ڏٺي ويندي هئي، اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ پاڻ حافظ قرآن بہ هئا ۽ سندن حِفظ ايترو مضبوط هو جو تمام استاد سبق جي دوران آيت اچڻ تي سندن کان ئي ان جي باري ۾ پڇندا هئا. اسان جي نظر مان اهڙو مضبوط حافظي وارو حافظ ڪڏهن نہ گذريو، ڪڏهن استادن کان غير ضروري

سوال نہ ڪيا، جڏهن بہ سوال ڪيا تہ هر هڪ ان سوال ۾ دلچسپي وٺندو هو ۽ ان سوال کي اهم ترين قرار ڏيندو هو، ڪلاس ۾ گڏ پڙهندڙ اسلامي ڀائرن سان ڪنهن مسئلي تي اختلاف راءِ هئڻ جي صورت ۾ پنهنجي موقف کي پُر اعتماد طريقي سان بيان ضرور ڪندا هئا پر ڪنهن جي تحقير يا تجهيل هرگز نہ ڪندا هئا، طالب علمي جي دوران جڏهن پيرڊ خالي هوندو هو تہ قرآن مجيد جي تلاوت شروع فرمائي ڇڏيندا هئا، سندن درجي ۾ گڏ پڙهندڙ اسلامي ڀائرن سندن کان متاثر ٿي ڪري سندن کان تجويد و قراءت جي اصولن جي مطابق قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو ڇو تہ پاڻ حافظ قرآن هئڻ سان گڏو هڪ سٺا قاري بہ هئا انهن مان ئي هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ مان پڙهڻ سان گڏوگڏ شام جي وقت تدريس بہ ڪندو هئس، جڏهن بہ مون سندن کان ڪنهن سبق جي باري ۾ دريافت ڪيو تہ پاڻ ڪڏهن بيزاري جو اظهار نہ ڪيائون بلڪ وڏي شوق ۽ لڳاءِ سان منهنجي سوالن جا جواب ڏنا، سندن ڪردار جي بلندي جي بنا تي اسان جو سندن جي باري ۾ اهو ئي حُسن ظن آهي تہ پاڻ **الله** عَزَّوَجَلَّ جا ولي هئا. (انتهي) **الله**عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## تقريباً چار هزار فتوائون لکيون

مفتيءِ دعوتِ اسلامي حافظ محمد فاروق العطاري المدني عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الغني فتويٰ نويسي جي تربيت جامعہ غوثيہ رضويہ سکر (باب الاسلام سنڌ) مان ورتي ۽ 15 شعبان 1421 ھ بمطابق 13 نومبر 2001 ع

جو پهرين فتويٰ لکي، شروع ۾ تقريباً هڪ سال دارالافتاء اهلسنت ”جامع مسجد ڪنزالايمان“ بابري چوڪ (گرومندر) باب المدينہ (ڪراچي) ۾ رهيا ۽ تقريباً 500 فتوائون لکيائون، ان ڪان پوءِ تقريباً ٽي سال دارالافتاء نورالعِرفان ”جامع مسجد سيّد معصوم شاهہ بخاري“ نزد پوليس چوڪي ڪارادر باب المدينہ ڪراچي ۾ رهيا ۽ تقريباً 2000 فتوائون لکيون، پوءِ تقريباً 11 مهينا مڪتب مجلس افتاء (عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ) ۾ رهيا هتي سندن فتوائن جو تعداد 1500 آهي اهڙيءَ طرح سندن فتوائن جو تعداد تقريباً 4000 آهي، ان ڪان علاوه تفسير جلالين جو تقريباً 1200 صفحات تي مشتمل عربي حاشيو بہ لکيائون ۽ تفسير قرآن ”صراط الجنان“ جي ڇهن سيپارن تي بہ ڪم مڪمل ڪري چڪا هئا.

## سفرِ مدينہ جي سعادت

7 فيبروري 2002ء ۾ پنهنجي مرشدِ ڪامل، شيخ طريقت، امير اهلسنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليہ سان گڏ حج و زيارت مدينہ منوره جي سعادت کان مشرف ٿيا، جڏهن حج جا رڪن ادا ڪرڻ کان پوءِ مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضري جون خوشين ڀريون گهڙيون آيون تہ سندن مرشدِ ڪامل جڏهن گنبذ خضريٰ جي زيارت ڪرائڻ لاءِ سندن جهڪيل مٿي کي مٿي ڪيو تہ پاڻ پنهنجي مرشد ڪامل مَدَّظِلُّهُ العَالِي جي اکين جي طرف ڏسڻ شروع ڪيو ائين ڄڻ مرشد ڪامل گنبذ خضريٰ کي ڏسي رهيا هيا ۽ مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سندن اکين ۾ گنبذ خضريٰ جا نظارا ڪري رهيا هئا.

مرشد کی آنکھوں سے روضے کو میں دیکھوں
اور گنبدِ خضرا کے جلوے کو میں دیکھوں

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مرڪزي مجلس شوريٰ ۾ شموليت

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ 2000ع ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جا رڪن بڻيا ۽ پوري حياتي مجلس شوريٰ ۾ شامل رهيا، ان سان گڏ وگڏ پاڻ مجلس تحقيقاتِ شرعيہ، مجلس افتاء، مجلس جامعات المدينہ، مجلس اِجاره، مجلس مدني مذاڪره جا نگران ۽ مجلس ماليات، مجلس براءِ اليڪٽرانڪ ميڊيا، مجلس مڪتبة المدينہ، پاڪستان انتظامي ڪابينہ، باب المدينہ مشاورت جا رڪن، ۽ تَخَصُّص فِي الفِقه (مفتيء ڪورس) جا استاد بہ هئا.

## نگران شوريٰ جا تحريري تاثرات

پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي انتقال کان پوءِ نگران شوريٰ مَدَّظِلُّهُ العَالِي هي تحريري بيان ڏنو تہ جنهن ڏينهن کان مرحوم رڪن شوريٰ جي حيثيت سان مدني مشوري ۾ شرڪت فرمائي هر دلعزيز ۽ محترم بڻجي ويا. پاڻ مدني مشورن ۾ وقت جي پابندي فرمائيندا هئا، مان پنهنجو حال ڇا ٻڌايان تہ بطور نگران مشهور تہ مان ئي رهيس پر دراصل مفتي صاحب ئي نگراني فرمائيندا رهيا، آه ! هاڻي اسان پنهنجي مشوري ۾ (شرعي رهنمائي جي لاءِ) هٿو هٿ ڪنهن ڏانهن رجوع ڪنداسين، اراڪين شوريٰ ڪيترائي ڪلاڪ ڪنهن اهم

معاملي تي بحث ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪنهن نڪتي ڪي طئي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ايندا هئا تہ مفتي صاحب ڏانهن رجوع ڪندا هئا، سندن جي ”ها“ تي اسان جو فيصلو موقوف هوندو هو ۽ جڏهن ڪنهن نڪتي تي اختلاف راءِ فرمائيندا هئا تہ عقلي و نقلي دليلن سان قائل ڪندا هئا ۽ ڪڏهن پاڻ قائل تي ويندا هئا.

**اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي۔** اٰمِین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## تحصيل مشاورت جي نگران جا تاثرات

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي تنظيمي ڪارڪردگي بہ مثالي هئي، سندن مدني تحصيل ”گلشنِ عطار“ جي مشاورت جي نگران جو بيان آهي:

”مفتي محمد فاروق عطاري المدني عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الغنی جن ڏينهن ۾ علاقائي نگران هيا، سندن ڪارڪردگي تنظيمي ڪمن ۾ بہ باقي سيني نگران اسلامي ڀائرن کان بهتر هئي، سندن ڪارڪردگي فارم بنا گهرڻ جي سيني کان اڳ ملي ويندو هو.

## مفتيءِ دعوتِ اسلاميءِ جون انفرادي ڪوششون

پاڻ شروع ۾ ڪنزالايمان مسجد جي قريبي علائقي پٽيل پاڙا ۾ رهائش پذير رهيا، سندن علائقي (اعجاز ڪالوني لسبيلہ چوڪ) جي اسلامي ڀائرن جو بيان آهي: ❁ مفتيءِ دعوتِ اسلامي حاجي محمد فاروق عطاري المدني عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ البارِی جي انفرادي ڪوشش سان ڪيترائي اسلامي ڀائر نمازي بڻيا، پنهنجي چهري تي ڏاڙهيون سجايائون ۽ مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا ❁ پاڻ روزانہ جي

صداءِ مدينہ لڳائيندا هئا ۽ پنهنجي رهائش گاهه واقع پٽيل پاڙا کان بلال مسجد يا غوثيہ مسجد (لسبيلہ چوڪ) تائين صداءِ مدينہ لڳائيندي ايندا هئا ❁ علاقائي دوري براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت فرمائيندا هئا. مدرسة المدينہ براءِ بالغان ۾ پڙهائيندا هئا. ❁ هڪ ڀيري اسان جي سامهون اندرون سنڌ کان اٽڪل 50 کان 60 ڪافر سندن هٿ تي مسلمان ٿيا ❁ سندن ترغيب تي ڪيئي اسلامي ڀائرن پنهنجي ٻارن کي حافظِ قرآن بڻايو ❁ ان علائقي ۾ ڪجهہ نوجوان زبان جي تيزي جي سبب ڪفريہ ڪلمات بہ ڳالهائي ويهندا هئا، پاڻ انهن تي انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ تجديدِ ايمان جي باري ۾ انهن جو ذهن بڻايو تہ اهي تائب ٿي ويا ۽ زبان جو احتياط ڪرڻ وارا بڻجي ويا. ❁ جيترو عرصو اسان جي علائقي ۾ رهيا، ڪڏهن پنهنجي ذات جي لاءِ سوال نہ ڪيائون ❁ اسان سندن کي ڪڏهن فضول گفتگو ڪندي نہ ڏٺو، ڏاڍا ملنسار هئا. ❁ ڪڏهن متڪبرانہ انداز ۾ گفتگو ڪندي نہ ڏٺو، نہ درس نظامي کان اڳ ۾ نہ بعد ۾، ❁ ايثار جو جذبو ايترو هو جو هڪ ڀيري سنّتن ڀريي بين الاقوامي اجتماع ۾ تمام اسلامي ڀائرن کي شامياني جي اندر گلمن تي سمهاريو، صبح جڏهن اسلامي ڀائر ننڊ مان بيدار ٿيا تہ هي ڏسي حيران ٿي رهجي ويا تہ محمد فاروق عطاري شامياني کان ٻاهر کليل آسمان هيٺان زمين تي ئي ستل آهن ۽ سندن ڪپڙن تي مٽي لڳل آهي ❁ هڪ ڀيري اسان سندن سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر ڪيو، ڊسمبر جي شديد ٿڌي رات ۾ اسان ڏٺو تہ رات جو ٽين وڳي جي لڳ ڀڳ محمد فاروق عطاري غسل ڪري اچي رهيا آهن، ان تي اسلامي ڀائر فڪر مند ٿي ويا تہ سندن کي سردي نہ لڳي ۽

اشارن ڪناين ۾ غسل جو مقصد پڇيوسين تہ ڪجھ ھن طرح فرمايائون، مونکي غسل جي ڪا شرعي طور تي حاجت نہ ھئي، ھي نفس تنگ ڪند رھندو آھي ان لاءِ ٿڌي پاڻيءَ سان غسل ڪيو آھي.

۞ اسان جو حُسن ظن آھي تہ جيڪڏھن پاڻ وڌيڪ ڪجھ عرصو اسان جي علائقي ۾ رھجي وڃن ھا تہ اتي عمامن جون وڌيڪ بھارون ٿي وڃن ھا.

**مرڪزي مجلس شوريٰ جي نگران مَدَّظِلُّهُ العَالِي جو تحريري بيان آھي تہ:**

”سندن سان گڏ سفرِ ھند انتھائي يادگار سفر رھيو، سندن موجودگي جتي شرعي رھنمائي جو باعث ھئي، اتي مدني انعامات تي ايارڻ واري بہ ھئي، ان دوران قرآن پاڪ جي ڪثرت سان تلاوت ۽ تھجد ۾ اٿڻ جو معمول رھيو ۽ صداءِ مدينہ جو اھڙو معمول ڏنو جنھن جو مثال پيش ڪرڻ مشڪل آھي! جتي ڪنھن تنظيمي ۽ شرعي رھنمائي جي حاجت ھوندي ھئي ھڪدم حل ارشاد فرمائي ڇڏيندا ھئا، دوران سفر اکين جو قفل مدينہ اھڙو مثالي ھو جو سندن نگاھن کي اڪثر جھڪيل ئي ڏٺو ويو.“

## گلشن اقبال جي ذميدار جا تاثرات

سندن علائقي گلشن اقبال (باب المدينہ ڪراچي) جي ھڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آھي: ”جن ڏينھن ۾ منھنجون ڪجھ تنظيمي ذميداريون وڌايون ويون ھيون تہ انھن ڏينھن ۾ حاجي محمّد فاروق عطاري منھنجي حوصلہ افزائي جي لاءِ مون سان گڏ مختلف ذيلي حلقن ۾ نمازِ فجر ادا ڪندا ھئا ۽ اسان گڏجي نون اسلامي ڀائرن سان ملندا ھئاسين ۽ انفرادي ڪوشش ڪندا ھئاسين .

رمضان المبارڪ ۾ معتڪفين سان گڏ وقت گذارڻ جو

سلسلو هوندو هو. ان ۾ مفتيءِ دعوتِ اسلامي مختلف ذيلي حلقن جي جدا جدا مسجدن جي لاءِ وقت ڏيندا هئا ۽ اتي وڃي سنّتن ڀريا بيانات ڪندا ۽ ذڪر و دعا ڪرائيندا هئا. معتڪفين ۽ اتان جي اسلامي ڀائرن جي اها خواهش هوندي هئي ته اڄ رات محمد فاروق عطاري اسان جي حلقي ۾ اچن، اسان جي علائقي ۾ انفرادي ڪوشش جي لاءِ جيترو مفتي فاروق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پيدل هليا آهن شايد ئي ڪو ايترو هليو هجي، جن ڏينهن ۾ سندن وٽ موٽر سائيڪل نه هئي ۽ پاڻ علائقائي نگران هوندا هئا ته پاڻ پيادل ئي اچ وڃ ڪندا ۽ موٽر سائيڪل وارن جي مقابلي ۾ پوري وقت تي اچي ويندا هئا، واقعي! سندن جو مدني ڪم ڪرڻ وارو انداز انتهائي قابل رشڪ هو.“ **الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سفر

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن سان ڏاڍي محبت هئي جيئن انهن جي هڪ جهلڪ ملاحظ ٿئي ”محرم الحرام 1427ھ جي مقدس مهيني ۾ پاڪستان جي تقريباً تمام جامعات ۾ تشريف کڻي ويا ۽ واپسيءَ تي باب الاسلام سنڌ صوبائي مشاورت جي نگران (جيڪي رڪنِ شوريٰ بہ آهن) کي فون ڪئي ته مان فلاڻي ڏينهن اچي رهيو آهيان منهنجو مدني قافلو نہ رهجي وڃي تنهنڪري مدني قافلو جيڪڏهن مون کي تيار ملي وڃي ته مان ان ۾ سفر ڪري سگهندس. سندن گهر جي قريب رهائش پذير اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته پاڻ مدني قافلن ۾ سفر جا شروع کان عادي هئا، گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي ته هڪ پيري مدني

قافلو تيار ٿي نہ سگهيو چو تہ مقرره وقت تي اسلامي ڀائر پهچي نہ سگهيا تہ مفتي فاروق مدني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الغني مون کي اڪيلو ئي وٺي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا ۽ اسان ٻئي اسلامي ڀائر قافلي جي لاءِ روانا ٿي وياسين. گلشن اقبال باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جو تحريري بيان ڪجهہ هن طرح آهي تہ ”منهنجو مشاهدو آهي تہ مفتيء دعوتِ اسلامي طالب علمي جي دور ۾ بہ هر مهيني مدني قافلي ۾ سفر ڪندا رهندا هئا حالانڪ ان دور ۾ هر ٻئي مهيني مدني قافلي ۾ سفر جي ترڪيب هوندي هئي. اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ مونکي بہ سندن سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت ملي پاڻ مدني قافلي جي جدول تي ڏاڍي پابندي سان عمل ڪندا هئا، پاڻ پنهجي عمل سان ٻين کي عمل جي ترغيب ڏياريندا هئا جيئن تہ جڏهن پاڻ خود جدول تي عمل ڪندا هئا ٻيا شرڪاءِ قافلہ بہ جدول تي خوش دلي سان عمل ڪندا هئا، پاڻ شرڪاءِ قافلہ جي خود بہ خدمت ڪندا هئا ۽ تربيت بہ ڪندا هئا ان دوران جڏهن بہ بازار مان ماني، ڪنڊ يا ڪو ٻيو سامان گهرائيندا هئا تہ ڪنهن بابرڪت نسبت سان گهرائيندا هئا، مثلاً غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نسبت سان يارهن مانيون، چار يار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم جي نسبت سان چار پليٽون وعليٰ هذالقياس.

اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ جڏهن بہ مدني قافلي ۾ سفر ڪندا هئا تہ قافلي جو وقت پاڻ بہ پورو ڪندا هئا ۽ ٻين شرڪاء کان بہ ڪرائيندا هئا ۽ اهڙي طرح ذهن ٺاهيندا هئا جو ڊاڪٽر جي ڏنل دوا جو ڪورس جيڪڏهن پورو نہ ڪيون تہ فائدو نہ ٿيندو. هڪ ڀيري سندن سان گڏ دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀرئي بين الاقوامي اجتماع

تان 30 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ نصيب ٿيو. اجتماع جي اختتام تي شديد بارش ٿي ۽ هر طرف گپ ئي گپ هئي اتفاق ڏسو تہ مدني قافلي جي ٻين شرڪاء سان اسان جي ملاقات نہ ٿي سگهي. پاڻ مون کي ساڻ ڪيو ۽ هلڻ شروع ڪيائون، مان پريشان هئس تہ ٻين شرڪاءِ قافلہ سان اسان جي ملاقات ڪيئن ٿي سگهندي، ان لاءِ مون گمان ڪيو تہ شايد اسان سفر نہ ڪري سگهون پر مفتي فاروق رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائڻ لڳا تہ پنهنجو تہ اهو ذهن ٻڌجي ٿو تہ هڪ ڀيرو 30 ڏينهن جي سفر جي ارادي سان نڪري آيا آهيون تہ جيڪڏهن 30 ڏينهن هڪ ئي مسجد ۾ بہ گذارڻا پون تہ گذاريندس پر 30 ڏينهن کان اڳ گهر نہ ويندس، بهر حال پوءِ قافلي وارا ملي ويا ائين اسان قافلي ۾ سفر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰى ذٰلِکَ . گلشن اقبال باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ "مفتي فاروق عطاري رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه مدني قافلن سان قولاً و عملاً ڏاڍو پيار ڪندا هئا، پاڻ هر هڪ کي هرگهڙي ۾ مدني قافلي جي دعوت ڏيندا هئا، جيڪڏهن سندن کان ڪو مسئلو پڇيو ويندو هو تہ مسئلو بيان فرمائي ڪري چوندا هئا تہ وڌيڪ معلومات جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر ڪريو، پراڻن سيني اسلامي ڀائرن کي مدني قافلي جي دعوت ڏيندا هئا مدني مشورن ۾ بہ اڪثر هي شعر ٻڌائيندا هئا.

فنا اتنا تو ہو جاؤں میں قافلے کی تیاری میں
جو مجھ کو دیکھ لے وہ قافلے کے لیے تیار ہو جائے

گلشن اقبال باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: باب المدينه جي اڪثر اسلامي ڀائرن جي اها

خواهش هوندي هئي تہ 12 ربيع النور شريف باب المدينہ (ڪراچي) ۾ ئي گذارين، پر مفتي محمد فاروق عطاريرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان ڏينهن بہ مدني قافلي جي ترڪيب ٺاهيندا هئا، هڪ ڀيري ائين بہ ٿيو جو خود رات جو ئي مدني قافلي ۾ شهداد پور (باب الاسلام سنڌ) هليا ويا ۽ اتي وڃي شب ولادت جي اجتماع ميلاد ۾ شرڪت ڪيائون ۽ اسان کي جلوس واري ڏينهن صبح جو فجر کان پوءِ اچڻ جو چيائون، ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو جو باب المدينه (ڪراچي) ۾ ٿيڻ واري اجتماع ميلاد ۾ سڄي رات گذاري ڪري بعد نمازِ فجر مدني قافلي ۾ سفر ڪيائون ۽ شهدادپور ۾ ٻين شرڪاءِ مدني قافلہ سان گڏ مدني جلوس ۾ شرڪت ڪرايائون پوءِ ان مدني قافلي ۾ شرڪاء کي عيدي ۾ ديدارِ رسول ٿيڻ جي دعا ڪرڻ جو ذهن ڏيندا هئا ۽ اهو ئي ذهن عيدالفطر جي چنڊ رات يا عيد جي ڏينهن سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ ڏيندا هئا. اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مدني انعامات جا عامل

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي شيخ طريقت، امير اهلسنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل ”مدني انعامات“ تي بہ پابنديءَ سان عمل ڪندا هئا، سنڌن جي گهروارن جو بيان آهي تہ جڏهن بہ رات جو ڪنهن ڪم سان سنڌن ڪمري ۾ وڃڻ ٿيندو هو تہ اڪثر ڏٺو ويندو هو تہ سنڌن وٽ مدني انعامات جو ڪارڊ هوندو هو ۽ پاڻ

ان تي نشان لڳائي رهيا هوندا هئا باب المدينہ (ڪراچي) جي مجلسِ مدني انعامات جي ذميدار جو بيان آهي تہ مفتي صاحب رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جو معمول هو تہ هر مهيني پابندي سان سڀ کان پهريان مدني انعامات جو ڪارڊ جمع ڪرائيندا هئا.

**اللہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## هر دم مدني ڪم جي لاءِ تيار

گلشنِ اقبال باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ مون مفتي محمد فاروق عطاري رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه کي هر وقت مدني ڪم جي لاءِ تيار ڏٺو! ڪو بيان جي لاءِ چوندو هو تہ فرمائيندا هئا، مان حاضر آهيان، ڪو جمعو پڙهائڻ جي لاءِ چوندو هو تہ جواب ڏيندا هئا مان حاضر آهيان، ڪڏهن هيئن نہ چيائون تہ مون کي پڙهڻو هوندو آهي، مطالعو ڪرڻو آهي، امتحانات تي رهيا آهن، پر ان سان گڏوگڏ سندن پڙهائي جو معيار بہ ڏاڍو شاندار هو.

**اللہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مدني مشوري جو انداز

مدني مشوري ۾ وقت جي پابندي سان شريڪ ٿيندا هئا، وقت تي شروع ڪرڻ ۽ وقت تي ئي ختم ڪرڻ، مفتي محمد فاروق عطاري رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خاصيت هئي، مشوري جي دوران مفتي محمّد فاروق رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه تمام سادي انداز ۾ مدني مشورو ونندا هئا. هر اسلامي ڀاءُ جي راءِ ٻڌندا هئا ۽ جڏهن پنهنجي راءِ کي ڪنهن

جي مشوري جي تائيد ۾ پيش ڪندا هئا ته ان سان ان شخص جي دل به خوش ٿي ويندي هئي ۽ نڪتو به طئي ٿي ويندو هو.

## صداءِ مدينہ

مفتيء دعوتِ اسلامي حافظ محمّد فاروق عطاري رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو معمول هو ته اڪثر مسلمانن کي نماز جي لاءِ جاڳائڻ جي لاءِ ”صداءِ مدينہ“ لڳائيندا هئا، جيڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ”جامعة المدينہ“ ۾ ترسڻ جو اتفاق ٿيندو هو ته طالبن کي خود صداءِ مدينہ لڳائي ڪري نماز جي لاءِ اٿاريندا هئا. **الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## علائقائي دوري براءِ نيڪيءَ جي دعوت ۾ شرڪت

مجلس مدني قافلہ باب المدينہ (ڪراچي) جي رڪن اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: ”اسان چند اسلامي ڀائر جامع مسجد سيّد معصوم شاه بخاري (ڪارادر باب المدينہ ڪراچي) جي آسپاس نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ وياسين ته انهيءَ مسجد سان لڳولڳ دارالافتاء نورالعرفان ۾ مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيو، اسان ڪين التجاء ڪئي ته توهان به اسان سان گڏ علاقائي دوري براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت فرمايو، اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بنا ڪنهن هٻڪ جي اسان سان گڏ علاقائي دوري براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شريڪ ٿي ويا، ان ڪان بعد جڏهن به اسان سندن بارگاه ۾ حاضر ٿيندا هئاسين ته پاڻ اسان کي ڏسندي ئي علاقائي دوري براءِ نيڪي جي دعوت جي لاءِ هلڻ لڳندا هئا.“

**الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمين بِجاہِ النّبیِّ الاَمین صلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درس ۽ بيان

مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جڏهن ڪارادر جي شهيد مسجد ۾ امامت ڪرائيندا هئا تہ روزانو باقاعدگي سان مغرب نماز کان پوءِ فيضانِ سنّت مان درس ڏيندا هئا ۽ مختلف جڳهن تي بيان بہ ڪندا هئا، پاڻ امير اهلسنّت مُدَّظِلُّہُ العَالِی جي حڪم جي مطابق (پنهنجي ڊائري يا امير اهلسنّت جي رسالن مان) ڏسي بيان ڪندا هئا، درس نظامي کان اڳ بہ ۽ بعد ۾ بہ ڪڏهن اهو نہ ڏٺو ويو تہ پاڻ زباني بيان ڪيو هجي يا ڪجھ بيان ڏسي ڪري ۽ ڪجھ زباني ڪيو هجي، ۽ پڻ ڪڏهن بہ اها تقاضا نہ ڪيائون تہ هفتيوار اجتماع يا بين الاقوامي و صوبائي سطح جي وڏن اجتماعات ۾ منهنجي بيان جي ترڪيب ڪئي وڃي. ها مدني مرڪز جي طرف کان جڏهن بہ بيان ڪرڻ جو چيو ويندو هو تہ پنهنجون خدمتون پيش ڪندا هئا ۽ وقت جي پابندي ڪندي ان جڳھ تي تشريف کڻي ويندا هئا.

**الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمين بِجاہِ النّبیِّ الاَمین صلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## سنهڙو مبلغ

29 صفر المظفر 1427ھ بعد نمازِ مغرب شيخ طريقت امير اهلسنّت بانيء دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه سان باب المدينہ ڪراچي ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيڻ واري مرڪز الاولياء( لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ

حلفيہ ٻڌايو جنهن جو خلاصو ڪجهہ هيئن آهي تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان منهنجي وابستگي جو ابتدائي دور هو، طبيعتاً مان انتهائي شرير هئس، هڪ ڀيري ڊيره اسماعيل خان (خيبر پختونخوا پاڪستان) دوستن سان گڏ وڃڻ ٿيو تہ معلوم ٿيو تہ باب المدينہ ڪراچي کان 12 ڏينهن جي لاءِ هڪ مدني قافلو تشريف ڪٺي آيو آهي ۽ ان خميس جو هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ باب المدينہ ڪراچي جا مبلغ بيان فرمائيندا. مان اجتماع ۾ پهتس تہ ڏٺم تہ هڪ سنهڙو اسلامي ڀاءُ رسالو پڙهي ڪري ٻڌائي رهيو آهي. مون ڪنهن کان پڇيو تہ باب المدينہ کان آيل مبلغ بيان ڪڏهن بيان فرمائيندو؟ تہ ان ٻڌايو تہ جيڪو بيان فرمائي رهيو آهي اهو باب المدينہ جو ئي مبلغ آهي، اهو ٻڌي ڪري مون شرارت جي انداز ۾ چيو تہ هي ڪهڙو مولانا آهي جيڪو ڏسي ڪري بيان ڪري رهيو آهي؟ ان اسلامي ڀاء مون کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون طنزيہ جملا ڳالهائي ان کي پريشان ڪيو گڏوگڏ مون ان کي وڌيڪ طنزيہ جملا ڳالهائڻ لڳس ۽ سنهڙي مولانا صاحب کي بہ پنهنجي شرارت جو نشانو بنائڻ جو ارادو ڪيم، ان ارادي سان ٻئي ڏينهن مان پنهنجي ٻن دوستن سان ان مسجد ۾ وڃي پهتس جتي مدني قافلو ترسيل هو ۽ چيڙڻ جي انداز ۾ ان سنهڙي مبلغ کي مخاطب ڪري چوڻ لڳس تہ رات اسان تہ باب المدينہ وارن جي ڏاڍي تعريف ٻڌي آيا هئاسين پر توهان تہ رسالو پڙهي ڪري بيان ڪري رهيا هيئو، منهنجي ان ڳالهہ تي ناراض ٿيڻ بدران ان مبلغ جي چهري تي مرڪ اچي وئي ۽ وڏي تحمل سان چوڻ لڳا، اَلْحَمْدُللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجا پيرو مرشد شيخِ طريقت امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمّد الياس

عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه جيڪي زماني جا وليءَ ۽ دعوتِ اسلامي جا امير آهن سندن سنّتن ڀريا بيانات ٻڌي ڪري ۽ مدني رسائل پڙهي ڪري هزارن جي زندگيءَ ۾ مدني انقلاب برپا ٿي چڪو آهي جيئن ته منهنجي پنهنجي ڳالهه ۾ تاثير ناهي تنهنڪري سندن جي مدني رسائل مان ڏسي ڪري بيان جي ڪوشش ڪريان ٿو، ان مبلغ جي پُرخلوص لفظن اسان تنهي دوستن کي بيحد متاثر ڪيو ۽ اسان جي دل جي دنيا بدلجي وئي ۽ شرارت لاءِ آيل شخص ان خوش اخلاق مبلغ جي عظمت جي سامهون شرمندگيءَ وچان جهڪي پيا، پوءِ انهن اسان کي سنيون سنيون نيّتون ڪرايون ۽ اسان دعوتِ اسلامي جا ٿي ڪري رهجي وياسين، بعد ۾ به سندن سان اسان جو رابطو باقي رهيو، اڄ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان تحصيل سطح تي مجلس رابطہ براءِ علماء و مشائخ جو ذميدار آهيان ۽ منهنجي ٻن دوستن مان هڪ علاقائي ۽ هڪ تحصيل سطح تي مدني قافلي جو ذميدار آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڄاڻو ٿا ته ان سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شيخِ طريقت امير اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جو رسالو پڙهي ڪري ٻڌائڻ وارو مبلغ ڪير هو! جيڪڏهن نه ٿا ڄاڻو ته ٻڌو اهو ڪو ٻيو نه دعوتِ اسلامي جا مرحوم رڪن شوريٰ مفتيءِ دعوتِ اسلامي الحاج محمّد فاروق عطاري المدني عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَنِي هئا.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# انفرادي ڪوشش

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي نگران مَدَّظِلُّهُ العَالِي جو بيان آهي:

”ڪافي عرصو اڳ جي ڳالهه آهي تہ مرحوم مدرسة المدينہ ڪنزالايمان جي جاءِ نماز ۾ امامت فرمائيندا هئا. هڪ علائقائي تنازع ڪي حل ڪرڻ جي باري ۾ ٿيڻ واري مشوري ۾ ڪنهن شخص کان ڪلمهء ڪفر نڪري ويو، پاڻ انهيءَ وقت تمام گفتگو روڪرائي ڪنهن مفتي صاحب کي فون ڪئي ۽ مسئلي جي گهرائي ۾ ويا پوءِ قائل کي تجديد ايمان ڪرايائون ۽ تجديدِ نڪاح جي تاڪيد ڪيائون سندن ان جرئت ۽ خيرخواهي جي جذبي ڏاڍو متاثر ڪيو.“

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه پنهنجي دارالافتاء ۾ فون تي يا روبرو سائل جي ڳالهه کي توجهه سان ٻڌندي آسان ۽ عام فهم انداز ۾ جواب ڏيڻ سان گڏ نيڪي جي دعوت بہ ڏيندا هئا، چند واقعات ملاحظه ڪريو.

(1) دارالافتاء نورالعرفان ڪارادر باب المدينہ ڪراچي ۾ هڪ نوجوان اڪثر سندن وٽ ايندو هو ۽ ڪافي دير تائين اتي وينو رهندو هو ۽ سوالات پڇندو رهندو هو، مفتي صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ان جي سوالات جا جوابات بہ ارشاد فرمائيندا هئا ۽ ان تي انفرادي ڪوشش بہ ڪندا هئا سندن مسلسل انفرادي ڪوشش جي برڪت سان ان نوجوان باقاعده طور تي علم دين سکڻ جي لاءِ جامعة المدينہ ۾ داخله ورتي.

(2) اهڙي طرح دارالافتاء نورالعرفان ۾ هڪ ماڊرن نوجوان شرعي

مسائل پڇڻ ايندو هو، مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه محبت ڀري انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ اهو ماڊرن نوجوان سنّتن جو پيڪر بڻجي ويو ۽ مدني لباس پائڻ لڳو ۽ عمامو شريف ٻڌڻ جو بہ معمول بڻايائين.

(3) هڪ پيرسن دارالافتاء نورالعرفان ۾ سنڌن ڪان شرعي مسائل پڇڻ آيو، ويچارو ڏاڍو فضول ڳالهائيندڙ هو، ڳالهيون ڪندي ڪندي سندس زبان مان ڪلمہ ڪفر نڪري ويو مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فوراً انفرادي ڪوشش ڪندي کيس تجديدِ ايمان ڪرائي ۽ قلت ڪلام (يعني گهٽ ڳالهائڻ) جي نصيحت ڪيائون.

(4) هڪ ڀيري دارالافتاء نورالعرفان ۾ ہہ نوجوان پاڻ ۾ ناراضگيءَ جي حالت ۾ سنڌن ڪان ڪو شرعي مسئلو پڇڻ آيا ۽ سموري صورتحال بيان ڪئي، پاڻ انفرادي ڪوشش ڪندي پهرين بهارِ شريعت مان صلح جا فضائل کين پڙهي ٻڌايا ۽ انهن ۾ صلح ڪرايو پوءِ انهن جو پڇيل شرعي مسئلو بہ ٻڌايو.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قفل مدينہ

سنڌن سان گڏ ڪم ڪرڻ واري هڪ مفتي صاحب مَدَّظِلُّهُ العَالِي جو بيان آهي:

”مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه زبان جو مضبوط قفل مدينہ[1] لڳائيندا هئا. ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو جو مان موٽر سائيڪل

---

[1] غير ضروري ڳالهين کان بچڻ ۽ خاموشي اختيار ڪرڻ کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ ”زبان جو قفل مدينہ“ لڳائڻ چوندا آهن.

تـي دارالافتـاء نورالعرفـان کـارادر کـان فيضـانِ مدينـہ بـاب المدينـہ ڪراچي پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه سان گڏ آيس پر رستـي ۾ مڪمل خاموش رهيا، جڏهن فيضانِ مدينہ پهتا تہ سلام ڪري رخصت ٿي ويا. پيٽ جو قفل مدينہ[1] بہ مضبوط هو، عموماً ڏينهن رات ۾ ٻہ پيرا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڊبل ٻارهن ڪلاڪن ۾ هڪ پيرو ڪاڌو ڪائيندا هئا، اکين جي قفل مدينہ[2] جو بہ زبردست ذهن هو، موٽر سائيڪل ان لاءِ وڪڻي ڇڏيائون جو هلائڻ وقت غير محرم عورت اڳيان اچڻ جي صورت ۾ نظر جي حفاظت تمام مشڪل آهي هڪ پيري ڪنهن گاڏي ۾ سندن سان گڏ سفر جو موقعو مليو مون ڪين شيشن کان ٻاهر نظر وجهندي نہ ڏنو.“

مفتيِ دعوتِ اسلامي رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه جي گهروارن جو بيان آهي: پاڻ تمام گهٽ گفتگو فرمائيندا هئا، اڪثر خاموش ئي رهندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن گهروارن سان لکي ڪري بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هئا.“

سندن علائقي گلشن اقبال (باب المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو تحريري بيان آهي: هڪ پيري طئي ٿيو تہ بعد نمازِ فجر مرحوم نگران شوريٰ حاجي مشتاق عطاري رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه جي مزار تي حاضري ڏيڻ هلنداسين پوءِ بعد نمازِ فجر اسان ڪار ۾ وڃي رهيا هئاسين حاجي فاروق رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه ڪار ۾ اڳين سيٽ تي تشريف فرما ٿيا جڏهن تہ مان پوئين سيٽ تي هئس اوچتو منهنجي نظر سائيڊ گلاس (Side Glass) تي پئي تہ مون ڏٺو تہ محمد فاروق

---

[1] بک کان گهٽ کائڻ کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ پيٽ جو قفل مدينہ چوندا آهن . وڌيڪ تفصيل جي لاءِ اميراهلسنّت مدظلہ العالي جي مايہ ناز تاليف ”پيٽ جو قفل مدينہ“جو مطالعو ڪريو.

[2] بد نگاهي کان علاوه فضول نگاهي کان بہ بچڻ (۽ اڪثر نگاهون جهڪايل رکڻ) کي دعوت اسلامي ۾ ”اکين جو قفل مدينہ“ چوندا آهن .

عطاري جون نگاھون بلڪل جھڪيل ھيون، اسان ان وقت سپر ھاءِ وي تان گذري رھيا ھياسين ۽ ساڄي ڪابي بلڪل ويران علائقو ھو ۽ بدنگاھي جو خدشو بہ نہ ھو پر سندن احتياط جو ان مرحلي تي بہ سندن نگاھون جھڪيل ھيون.

انھيءَ اسلامي ڀاءُ جو بيان آھي تہ ”منھنجي شادي جي تقريب ۾ **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ مفتي فاروق عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بہ شرڪت فرمائي ھئي، جڏھن صبح جو فجر ۾ منھنجي سندن سان ملاقات ٿي تہ مون دل ۾ سوچيو تہ محمد فاروق عطاري رات جي تقريب جي باري ۾ ڪا رسمي گفتگو ڪندا پر پاڻ ڪو سوال نہ ڪيائون بلڪ نماز کان پوءِ گھر ايندي بہ مون ئي گفتگو جو سلسلو شروع ڪيو، يقيناً مفتي صاحب جو زبان جو قفل مدينہ مثالي ھو.“

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي ھڪ رڪن جو بيان آھي تہ مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ھمراھيءَ ۾ ھند جي سفر جو اتفاق ٿيو، سفرِ ھند جي دوران بيشمار ڀيرا ڏٺو تہ جيڪڏھن ڪڏھن ڪنھن گاڏي ۾ سوار ٿي ڪري ڪٿي وڃڻو پوندو ھو تہ مفتي فاروق صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه گاڏي ۾ سوار ٿيندي ئي پنھنجون اکيون بند ڪري ڇڏيندا ھئا. منزل تي پھچڻ بعد جڏھن ڪو سندن توجھ ڏياريندو ھو تہ اسان مطلوبہ جڳھ تي پھچي ويا آھيون تہ پاڻ اکيون کوليندا ھئا.“ **الله**عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اطاعتِ امير

اطاعتِ امير جو بہ بيحد جذبو ھو، ھڪ ڀيري راہِ خدا ۾ سفر

جي دوران جتي سندن قافلو ترسيل هو هڪ اسلامي ڀاءُ سندن کي نڪاح پڙهائڻ جي درخواست ڪئي ته پاڻ ان کي چيائون ته اميرِ قافلہ کان پڇو جيڪڏهن اهو اجازت ڏيندو ته مان ويندس نه ته نه (ياد رهي ته امير قافلہ اهو اسلامي ڀاء هو جيڪو سندن ماتحت مڪتب مجلس افتاء ۾ خادم جي حيثيت سان ڪم ڪندو هو)

**الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مدني مرڪز جي اطاعت

گلشنِ اقبال باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي: ”هڪ ڀيري موڪلن ۾ مدني قافلن جي ترڪيب هئي ۽ تاريخ بہ طئي هئي ته اوچتو هفتيوار اجتماع ۾ تربيتي نشست جو اعلان ٿي ويو، ته مان پريشانيءَ جي حالت ۾ محمد فاروق عطاري وٽ آيس پر پاڻ فرمايائون ته جيئن مدني مرڪز چيو اسان بہ ائين ئي ڪنداسين. اڪثر مدني مشورن ۽ ملاقاتن ۾ do as directed (يعني جيئن حڪم ڏنو وڃي ائين ڪرڻو آهي) جو ذهن ناهيندا هئا ۽ هي بہ فرمائيندا هئا ته مدني مرڪز جي هر اها ڳالهه جيڪا شريعت سان نہ ٽڪرائيندي هئي اها جيڪڏهن سمجهه ۾ نہ بہ اچي ته بہ اطاعت ڪرڻي آهي. **الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## هفتيوار اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پابندي سان دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪندا هئا ۽ مڪمل

توجهه سان بيان وغيره ٻڌندا هئا، پنهنجي زندگي جي آخري خميس ۾ اجتماع ۾ شرڪت ڪيائون ۽ سڄي رات فيضان مدينه ۾ ئي رهيا. مجلس افتاء جي هڪ مفتي صاحب مَدَّظِلّهُ العَالي جو بيان آهي:

”هڪ پيري مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڪرائي جي گهر جي ڳولا جي سلسلي ۾ پراپرٽي ڊيلر وٽ وڃڻو هو پر ان کان اڳ هڪ اسلامي ڀاء جنهن جي آپريشن ٿي هئي سندس عيادت ۾ ڪافي وقت لڳي ويو، جڏهن اتان کان فارغ ٿيا ته هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع جو وقت ٿي چڪو هو تنهنڪري مون کي چوڻ لڳا ته اجتماع ۾ وڃڻ جو وقت ٿي چڪو آهي تنهنڪري اجتماع ئي ۾ هلون ٿا گهر بعد ۾ ڏسنداسين.“ **الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**اَلْحَمْدُلله**عَزَّوَجَلَّ! عشقِ رسول مفتيء دعوتِ اسلامي جو سرمايهء حيات هو. جمعة المبارڪ جو پنهنجي وفات کان چند ڪلاڪ اڳ ڪاڏو ڪائڻ ڪانپوء پاڻ وڏي افسرده انداز ۾ ناموسِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ ئي گفتگو ڪري رهيا هيا. سندن کي ٿورو عرصو اڳ (يعني سندن وفات کان ڪجهه عرصو اڳ) غير مسلمن جي طرف کان نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ ڪيل گستاخي جو ڏاڍو صدمو هو. **الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان محبت

شيخ طريقت امير اهلسنّت بانيء دعوتِ اسلامي حضرت علامه

مولانا محمّد الياس عطار قادري دامَت بَرَكاتُهُمُ العَاليه جيڪڏهن سندن ڪي ڪجھ عنايت فرمائيندا هئا تہ پاڻ بيحد خوش ٿيندا هئا ۽ وجي ڪري پنهنجي والده محترمہ جي هٿ ۾ ڏيندا هئا ۽ عرض ڪندا هئا تہ ”هن تبرڪ کي گهر ۾سيني کي ٿورو ٿورو تقسيم ڪري ڇڏيو.“

جڏهن بہ گهر ۾ موجودگي جي دوران شيخ طريقت امير اهلسنّت دامَت بَرَكاتُهُمُ العَاليه جي فون ايندي هئي ۽ پاڻ قميص پهريل نہ هوندا هئا تہ فورًا قميص پائڻ لڳندا هئا اڪثر فرمائيندا هئا: ”مونکي جيڪا عزت ملي آهي منهنجي مرشد جو صدقو آهي.“ مڪتب مجلسِ افتاء ۾ سندن رفاقت ۾ ڪم ڪرڻ واري مفتي صاحب مَدَّظِلّهُ العَالي جو چوڻ آهي تہ امير اهلسنّت دامَت بَرَكاتُهُمُ العَاليه جون ڪافي عادتون سندن ۾ موجود هيون مثلاً مرڪڻ جو انداز، گفتگو جو انداز ۽ اشارن سان گفتگو جو انداز وغيره. مفتيِء دعوتِ اسلامي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي جڏهن بہ پنهنجي مرشد ڪريم، شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيِء دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامَت بَرَكاتُهُمُ العَاليه جي بارگاهہ ۾ حاضري جو شرف نصيب ٿيندو هو تہ پاڻ بارگاهہ مرشد ۾ حاضريء جي آدابن کي ضرور مد نظر رکندا هئا، مثلاً گوڏا پيچي ڪري ويهندا هئا، ان دوران ڪو وظيفو نہ پڙهندا هئا، مرشد جي اجازت بغير اتان رخصت نہ ٿيندا هئا وغيرها، مفتيِء دعوتِ اسلامي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي مرشد ڪامل مَدَّظِلّهُ العَالي جي ٻنهي شهزادن سان بہ بيحد محبت ڪندا هئا، ايتري تائين جو جڏهن ڪنهن شهزادي کي ايندو ڏسندا هئا تہ احترام طور اٿي بيهندا هئا حالانڪ پاڻ وڏي شهزادي حضرت مولانا ابو اسيد الحاج احمد عبيد رضا عطاري المدني سَلَّمَهُ الغني جا استاد بہ هئا.

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِین بِجَاہِ النّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## صبر جي عادت

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي ضيائيدامَت بَرکَاتُھُمُ العَالیه فرمائن ٿا تہ مون ڪڏهن بہ سندن زبان مان هي نہ ٻڌو تہ منهنجي جسم ۾ سور تي رهيو آهي يا مونکي بخار آهي، يا منهنجو مٿو ڳرو ٿي رهيو آهي، مفتيءِ دعوتِ اسلاميرَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي گهر وارن جو تحريري بيان آهي تہ حاجي محمد فاروق عطاري جي طبيعت ۾ ڏاڍو صبر هو، سندن ايتري پياري عادت هئي جو هيئن نہ چوندا هئا تہ اڄ منهنجي مٿي ۾ سور آهي يا مون کي بخار آهي، اڪثر سندن چهري جي ٿڪاوت ڏسي اسان پڇندا هئاسين تہ معلوم ٿيندو هو تہ فلاڻي تڪليف آهي.اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِین بِجَاہِ النّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## هر ڪم ۾ نرمي

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي والده محترمہ جو بيان آهي تہ اسان سندن کي ڪڏهن بہ ڪاوڙ ڪندي نہ ڏٺو، نہ پيئرن، ڀائرن تي نہ پنهنجي ٻارڙيءَ جي امي تي ڪاوڙ ڪندا هئا، هميشہ نرميءَ سان گفتگو ڪندا هئا. مڪتب مجلس افتاء ۾ سندن رفاقت ۾ سنّتن جي خدمت ڪرڻ واري هڪ مفتي صاحب مَدَّظِلّهُ العَالي جو بيان آهي تہ مفتيءِ دعوتِ اسلاميرَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه پاڻ سان گڏ ڪم ڪرڻ وارن تي وڏي شفقت فرمائيندا هئا ۽ هروقت خيرخواهي پيش نظر هوندي

هئي، تڪلّف نالي جي ڪا شيء نه هئي، مون ڪي ڪڏهن به هي نه چيائون ته هي ڪم چو نه ڪيئي؟ ۽ مون ڪي ڪڏهن به ڇڙٻ نه ڏنائون ۽ نه ئي ڪنهن ڪي ڇڙٻ ڏيندي ڏٺو. مجلس افتاء جي ئي هڪ مفتي صاحب مَدَّظِلُّهُ العَالِي جو بيان آهي: ”جڏهن مان تَخَصُّص فِي الفِقه ٻئي سال ۾ هئس ته مون ڪي مفتي صاحب جي ماتحت ”دارالافتاء نورالعرفان“ ۾ 18 آگسٽ 2003ع ڪان 19 جون 2004ع تائين فتويٰ نويسي جي سعادت حاصل ٿي، مفتي صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه تمام شفيق هئا. جڏهن به فتويٰ سندن خدمت ۾ پيش ڪندو هئس ته پاڻ منهنجي تربيت جي لاءِ ان تي اشڪالات وارد ڪري ان جا جواب طلب ڪندا هئا. پوءِ مان سندن جوابات ڏيندو هئس ته بيحد خوش ٿيندا هئا ۽ جيڪڏهن ناڪام ٿيندو هئس ته نرمي سان خود جواب ڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن فتويٰ ۾ تبديلي ڪرڻي هوندي هئي ته به رهنمائي فرمائيندا هئا.“ مڪتب مجلس افتاء و تحقيقاتِ شرعيه ۾ خدمت تي مقرر اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته هڪ ڀيري مڪتب ۾ ڪمپيوٽر جون ميزون رکڻ جو معاملو هو، مون کان ماپ ۾ غلطي ٿي وئي ۽ نتيجتًا آندل ميزون اتي پوريون نه آيون، ڪو ٻيو هجي ها ته شايد مون ڪي ڇڙٻون ڏئي ها، پر مفتي صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه تي قربان! پاڻ مون ڪي ان جي باري ۾ ٿوري به ڇڙٻ نه ڏني بلڪ نهايت نرمي سان مون ڪي منهنجي غلطي ڏانهن متوجهه ڪيائون.

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪاڏي ۾ عيب نہ ڪڍڻ

مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي گهر وارن جو ڪجھ هن طرح بيان آهي تہ سندن کي جيڪو ڪاڏو پيش ڪيو ويندو هو تہ پاڻ بنا شڪايت ڪرڻ جي ڪائي ويندا هئا، ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو جو سندن کي ڪاڏو پيش ڪيو ويو ۽ ان ۾ لوڻ نہ هو تہ بہ پاڻ هڪ لفظ نہ ڳالهايائون ۽ ائين ئي ڪاڏو ڪائي ڇڏيائون.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪفايت شعاري

پنهنجي الماڙي ۾ صرف چار جوڙا رکندا هئا، ماه ربيع النور شريف ۾ نوان ڪپڙا سبرائيندا هئا تہ پراڻا ڪنهن بئي کي ڏئي ڇڏيندا هئا، انتقال کان ڪجھ عرصو اڳ جڏهن پنجاب تشريف کڻي ويا تہ پنهنجا سيئي جوڙا گڏ کڻي ويا ۽ تقسيم ڪري ڇڏيائون.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سادگي

مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي والده محترمہ جو بيان آهي تہ ان حاجي فاروق رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان دريافت ڪيو تہ گهر ۾ توهان جي رهڻ جو جيڪو حصو آهي اتي رنگ و روغن ڪرائي ڇڏيان؟ تہ عرض ڪيائون: ”نہ! مون کي صرف وضو خانو نهرائي ڏيو“ پنهنجي شادي جي موقعي تي پاڻ اصرار ڪيائون تہ سندن زوجہ کي شاديء ۾ ڏاج نہ ڏنو وڃي پر ڇوڪريء جي گهر وارن ڏاج ڏنو، پاڻ

مجبورًا ونئي تہ ڇڏيائون پر سندن کي ڏاج سان پريل گهر ۾ لطف نہ ايندو هو ۽ بار بار پنهنجي ٻارڙيءَ جي امي کي هي اصرار ڪندا هئا تہ هن کي وڪڻي ڇڏيو، اسان جو گهر بلڪل سادو هئڻ گهرجي.

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ثوابِ جاريہ جا خواهشمند

هڪ ڀيري سندن جي پيڻ ڪتابن جي الماڙي صاف ڪري رهي هئي تہ کيس هڪ پرچي ملي جنهن ۾ لکيل هو تہ ”منهنجي مرڻ کان پوءِ سيئي ڪتاب دعوتِ اسلامي جي ”جامعة المدينہ“ کي ڏنا وڃن“ پوءِ ڪجھ عرصي کان پوءِ پاڻ ئي اهي ڪتاب ڪٽي ويا ۽ دارالافتاء ۾ رکرايائون.

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ثوابِ آخرت جا حريص

هڪ ڀيري امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ تحريري ڪم جي سلسلي ۾ ملڪ کان ٻاهر هئا، ان دوران مفتيءِ دعوتِ اسلامي حاجي محمّد فاروق عطاري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي بہ سندن جي بارگاھ ۾ حاضري جو شرف حاصل ٿيو، جڏهن امير اهلسنّت مَدَّظِلُّہُ الْعَالِی مغرب نماز کانپوءِ نوافل (يعني نمازِ اوابين) ۾ سوره يٰس مڪمل تلاوت ڪئي تہ مفتي صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان جي حڪمت دريافت ڪئي تہ امير اهلسنّت مَدَّظِلُّہُ الْعَالِی فرمايو تہ تلاوت قرآن جو ثواب نماز ۾ وڌيڪ آهي، اهو ٻڌي

مفتي صاحب رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ چوڻ لڳا تہ انشآءَالله عَزَّوَجَلَّ هاڻي مان بہ حفظ قرآن جي دهرائي نفل نماز ۾ ڪندس.

## تلاوت قرآن جو ذوق

مڪتب مجلس افتاء ۾ خدمت تي مامور اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ مفتي محمّد فاروق رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ اڪثر پنهنجو وقتِ اجاره ختم ٿيڻ کان پوءِ مڪتب ۾ ويهي تلاوتِ قرآن ڪندا هئا. گلشنِ اقبال باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ ”مفتي محمّد فاروق رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ اڪثر قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا رهندا هئا. ترجموڪنزالايمان مع تفسير خزائن العرفان جو ڪيترائي ڀيرا مڪمل مطالعو ڪري چڪا هئا. مدني قافلي ۾ سفر جي دوران بہ جڏهن ڪاڏو پچائڻ جي ذميداري ملندي هئي تہ ڪاڏو پچائڻ جي دوران تلاوت قرآن ڪندا رهندا هئا. اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ ايترا ذهين هئا جو سندن جي سامهون جيڪڏهن ڪو اردو ترجمو ٻڌائي آيت پڇندو هو تہ ٻڌائي ڇڏيندا هئا. هڪ ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مون سان گڏ موٽر سائيڪل تي سوار هئا مان موٽر سائيڪل هلائي رهيو هوس ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ تلاوت ڪري رهيا هئا. رستي ۾ مون کي هيٺئن لڳو تہ ڪا تار اسان جي موٽر سائيڪل سان ٽڪرائي آهي. بهرحال جڏهن مان ڪين گهر ڇڏي ڪري انهي رستي سان واپس آيس تہ ماڻهن جي روڊ تي رش هئي. پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ بجلي جي تار روڊ تي ڪريل آهي، جنهن ۾ ڪرنٽ آهي. اهو ٻڌي مون کي ذهني طور تي ڌڪو لڳو تہ اها ئي تار تہ اسان جي موٽر سائيڪل سان ٽڪرائي هئي پر اسان کي ڪرنٽ نہ لڳو. منهنجو حُسن ظن آهي تہ اها تلاوتِ قرآن جي برڪت هئي.

# پردي جا احتياط

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه گهر ۾ اها ترڪيب ٺاهي رکي هئي تہ جنهن وقت ڪمري ۾ مفتي صاحب هوندا هئا تہ ان وقت ڪا پاڄائي ان ڪمري ۾ نہ اچي سگهندي هئي ۽ جتي سندن ٻارڙيءَ جي امي هوندي هئي اتي گهر جو ڪو نا مَحرَم مرد نہ اچي سگهندو هو، اهڙي طرح وڏي احتياط سان مڪمل پردو رهندو هو، مفتي صاحب رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه پنهنجي سس جي سامهون بہ نہ ايندا هئا بلڪ ان کان بہ پردي جا تقاضا پورا ڪندا هئا.

سندن انتقال کان ڪجھ عرصو اڳ جي ڳالھ آهي تہ سندن گهر ۾ ڪجھ تعميراتي ڪم ٿيڻو هو ۽ مزدورن وغيره جي آمد تي بي پردگي جو احتمال هو، پوءِ پاڻ بي پردگي کان بچڻ لاءِ پنهنجي ٻارڙي جي امي سان گڏ عارضي طور تي ڪرائي جي گهر ۾ منتقل ٿي ويا، اهڙي طرح جڏهن بہ پنهنجي ٻارڙي جي امي جي علاج جي ضرورت پيش ايندي هئي تہ هن ڳالھ جو خيال ڪندا هئا تہ ان جو چيڪ اپ وغيره ليڊي ڊاڪٽر ئي ڪري.

# پنهنجي ٻارڙي ۽ سندس امي جي تربيت

سندن مَدَنِي مُنِّيءَ (سندن انتقال وقت) 11 مهينن جي هئي، ان سان ڏاڍي محبت ڪندا هئا ۽ ان جي باري ۾ اڪثر فرمائيندا هئا تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي مان خود پڙهائيندس سندن مدني منيءَ کي گهر جو ڪو ڀاتي جيڪڏهن چوندو هو تہ چؤ پٽ: ”پاپا“ تہ فرمائيندا هئا تہ ان کي هيئن نہ سيکاريو بلڪ ان جي سامهون ”اللّٰه، اللّٰه“ چوندا رهو، ٻارڙي جي امي کي تاڪيد فرمائيندا هئا تہ گهر جو ڪم ڪار

ڇڏي پهريان نماز ادا ڪريو جيڪڏهن هوءِ سومهڻي جي نماز ۾ دير ڪندي هئي تہ ناراض ٿيندا هئا تہ پهريان نماز ادا ڪريو.

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## شوقِ مطالعہ

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه اڪثر مطالعي ۾ مشغول رهندا هئا ۽ پنهنجي وفات کان اڳ بہ بيپهري جو ڪاڏو کائڻ کان بعد ڪنهن ڪتاب جو مطالعو ڪري رهيا هئا، پاڻ فتاويٰ رضويہ شريف ۽ بهارشريعت جو بالاستيعاب (يعني مڪمل) مطالعو ڪرڻ سان گڏوگڏ فتاويٰ رضويہ مان حاصل ٿيڻ وارا مدني گل بہ جمع ڪري رکيا هئا، گڏوگڏ ڇيپل مختلف اُردو فتاويٰ جو بہ مڪمل مطالعو ڪري چڪا هئا.

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## موت جي ياد

مفتي محمّد فاروق رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي شاديءَ جي چند ڏينهن کان بعد ئي پنهنجي گهرواريءَ کي فرمائي ڇڏيو تہ مان گهڻو عرصو زنده نہ رهي سگهندس. پاڻ گهر وارن کي اڪثر فرمائيندا هئا تہ منهنجي عمر تمام گهٽ آهي مان گهڻو عرصو زنده نہ رهندس، جڏهن سندس ناني ڪين چوندي هئي تہ پٽ! منهنجو جنازو تون پڙهائجانءِ تہ پاڻ جواب ڏيندا هئا: ناني! منهنجي عمر تمام گهٽ آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي گهر وارن جو بيان آهي تہ پنهنجي گهرواريءَ

ڪي شاديءَ جي ڪجھ عرصي کان بعد ئي تاڪيد ڪئي تہ منهنجو ڇڏيل مال شريعت جي مطابق تقسيم ڪجو.

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قناعت پسندي

جامعة المدينہ هجي يا دارالافتاء، مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪڏهن پگھار وڏائڻ جو مطالبو نہ ڪيو. مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران مَدَّظِلُّهُ العَالِي جو بيان آهي تہ ”ڪجھ عرصو پهريان (يعني وفات کان ٿورو پهريان) سندن پگھار وڌي هئي تہ منهنجي گھر پاڻ آيا، انتهائي پريشاني جي عالم ۾ هئا، مون کي چوڻ لڳا تہ منهنجي پگھار ڪافي وڌي وئي آهي، مون کي هن وڏيڪ رقم جي ضرورت ناهي تنهنڪري مون تي ڪرم ڪيو وڃي ۽ منهنجي پگھار نہ وڌائي وڃي.“ حقيقت اها ئي آهي تہ تصوف ”قال“ جو نہ ”حال“ جو نالو آهي ۽ پاڻ حقيقي صوفي، متقي بزرگ هئا.“ (انتهي) پنهنجي انتقال کان ڪجھ عرصو اڳ مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجو اسڪوٽر ۽ ليپ ٽاپ (laptop) ڪمپيوٽر وغيره سڀ وڪٽي ڇڏيا هئا ۽ فرمايائون تہ هاڻي مون کي هنن جي ضرورت ناهي. اهڙي طرح هڪ ڀيري جڏهن پاڻ ڪرائي جو گھر ونڻ چاهي رهيا هئا تہ ڪنهن مشورو ڏنو تہ توهان گھر خريد ڇو نہ ٿا ڪريو؟ تہ فرمايائون: مختصر زندگي آهي، ڪرائي جو گھر ئي ڪافي آهي.

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# گهر وارن جي سندن سان محبت

پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان سندن گهر وارن جي محبت جو اندازو هن ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته گهر وارا ڪانئس دم ڪرائيندا هئا، سندن بچيل پاڻي سنڀالي رکندا هئا ۽ بطورِ تبرڪ استعمال ڪندا هئا، سندن پليٽ مان کائڻ جي لاءِ بار پاڻ ۾ ضد ڪندا هئا، سندن اوبر واري چانهه کي واپس ديڳڙي ۾ وجهي ڪري سيني کي ڏيندا هئا، اهو سندن مدني ڪردار جو مضبوط دليل آهي، ڇڻ ته امير اهلسنّت مَدَّظِلُّهُ العَالِي جي عطا ڪيل گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جي 19 مدني گلن تي سندن مضبوطيءَ سان عمل هو اهي مدني گل هي آهن:

## يا خدا! اسان کي متقي بڻاءِ“ جي اوٽيهه اکرن جي نسبت سان گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جا 19 مدني گل

﴿1﴾ گهر ۾ ايندي ويندي وڏي آواز سان سلام ڪريو ﴿2﴾ والد يا والده کي ايندو ڏسي تعظيمًا اُٿي بيهو ﴿3﴾ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اسلامي ڀاءُ والد صاحب ۽ اسلامي ڀينرون ماءُ جا هٿ ۽ پير چمن ﴿4﴾ والدين جي سامهون آواز هلڪو رکو، انهن سان اکيون هرگز نه ملايو. نظر جهڪائي ڳالهه ٻولهه ڪريو ﴿5﴾ سندن سونپيل هر اهو ڪم جيڪو خلافِ شرع نه هجي فورًا ڪري ڇڏيو ﴿6﴾ سنجيدگي اپنايو، گهر ۾ تون تون، مان مان، اڙي، اوئي، ۽ مَذاق مَسخري ڪرڻ، ڳالهه ڳالهه تي ڪاوڙ ڪرڻ، ڪاڏي مان عيب ڪڍڻ، ننڍن ڀائرن ڀينرن کي دڙڪا ڏيڻ، مارڻ گهر جي وڏن سان اُلجهڻ، بحث وغيره ڪرڻ جون جيڪڏهن اوهان جون عادتون هجن ته بلڪل رويو تبديل ڪيو، ۽ هر هڪ کان معافي وٺو ﴿7﴾ گهر ۾

ٻاهر هر جڳهه اوهان سنجيدا ٿي ويندا ته ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ گهر جي اندر به ضرور ان جون برڪتون ظاهر ٿينديون ﴿8﴾ ماءُ ٻلڪ چاهي ٻارن جي ماءُ هجي ان ڪي ۽ پڻ گهر جي هڪ ڏينهن جي ٻار ڪي توهان چئي ڪري ئي مخاطب ٿيو ﴿9﴾ پنهنجي محلي جي مسجد جي عشاء جي جماعت جي وقت ڪان وٺي ٻن ڪلاڪن جي اندر سمهي پئو، ڪاش! تَهَجُّد ۾ اک کلي وڃي نه ته گهٽ ۾ گهٽ فجر جي نماز ته بآساني (مسجد جي پهرين صف ۾ باجماعت) مُيَسَّر ٿي وڃي ۽ پوءِ ڪم ڪار ۾ به سُستي نه ٿئي ﴿10﴾ گهر جي ڀاتين ۾ جيڪڏهن نماز جي سُستي، بي پردگي، فلمن، ڊرامن ۽ گانن باجن جو سلسلو هجي ۽ جيڪڏهن اوهان سر پرست نه آهيو ۽ توهان ڪي غالب گمان آهي ته اوهان جي نه ٻڌي ويندي ته بار بار ٽوڪڻ بدران، سيني ڪي نرميءَ سان مڪتبة المدينه جون جاري ٿيل سنّتن ڀري بيانن جون آڊيو وڊيو سي ڊي ٻڌرايو ڏيکاريو، مدني چينل به ڏيکاريو اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ”مدني نتيجا“ حاصل ٿيندا ﴿11﴾ گهر ۾ ڪيتريون ئي چڙٻون ملن ٻلڪ مار به کائڻي پوي، صبر، صبر ۽ صبر ڪريو. جيڪڏهن توهان زبان درازي ڪندؤ ته ”مدني ماحول“ ٺهڻ جي ڪا اميد ناهي ٻلڪ مزيد بگاڙ پيدا ٿي سگهي ٿو ته هرويرو سختيءَ ڪرڻ سان اڪثر شيطان ماڻهن ڪي ضدي بڻائي ڇڏيندو آهي ﴿12﴾ مدني ماحول بڻائڻ جو هڪ بهترين ذريعو هي به آهي ته گهر ۾ روزانو فيضانِ سنّت جو درس ضرور ضرور ڏيو يا ٻڌو ﴿13﴾ پنهنجي گهر وارن جي دنيا ۽ آخرت جي بهتري لاءِ دل سوزي سان دعا به ڪندا رهو فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِن يعني دعا مومن جو هٿيار آهي. (المستدرڪ للحاڪم ج 2 ص 162 حديث 1855) ﴿14﴾ ساهرن

۾ رهڻ واريون جتي گهر جو ذڪر آهي اتي ساهرن ۽ جتي والدين جو ذڪر آهي اتي سَس ۽ سُهري سان اهوئي حُسن سلوڪ بجا آڻين جڏهن تہ ڪو مانع شرعي نہ هجي ﴿15﴾ ”مسائلُ القرآن“ ص 290 تي آهي هر نماز کان پوءِ هيٺ ڏنل دعا اول ۽ آخر درود شريف سان هڪ ڀيرو پڙهي ونو اِنْ شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٻار ٻچا سنّتن جا پابند بڻجي ويندا ۽ گهر ۾ مدني ماحول قائم ٿيندو. دعا هي آهي: (اَللّٰهُمَّ) رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ۝ [1]

(”اَللّٰهُمَّ“ قرآني آيت جو حصو نہ آهي)

﴿16﴾ نافرمان ٻار يا وڏو جڏهن ستل هجي تہ 11 يا 21 ڏينهن ان جي سيرانديءَ کان بيهي ڪري هيٺ ڏنل آيتون صرف هڪ ڀيرو ايتري آواز سان پڙهو جو ان جي اک نہ کلي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ۝ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ۝ [2] (اول ۽ آخر هڪ دفعو درود شريف) ياد رهي! وڏو نافرمان هجي تہ ان جي ننڊ جي وقت وظيفو پڙهڻ سان جاڳڻ جو انديشو آهي خاص ڪري ان وقت جڏهن ان جي ننڊ گهري نہ هجي ۽ اها خبر پوڻ مشڪل هجي تہ صرف اکيون بند آهن يا سمهي رهيو آهي، تنهنڪري جتي فِتني جو خوف هجي اتي اهو عمل نہ ڪيو وڃي خاص ڪري زال پنهنجي مڙس تي اهو عمل نہ ڪري ﴿17﴾ ۽ نافرمان اولاد کي فرمانبردار بڻائڻ لاءِ مراد پوري ٿيڻ تائين فجر نماز کان پوءِ آسمان ڏانهن رخ ڪري ”يَاشَهِيْدُ“ 21

---

[1] **ترجمو ڪنزالايمان**: اي اسان جا رب اسان کي ڏي اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اکين جي ٿڌائي ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بڻاءِ. (پ 19 الفرقان 74)

[2] **ترجمو ڪنزالايمان**: بلڪ اهو ڪمال شرف وارو قرآن آهي لوح محفوظ ۾. (پ 30 البروج 21،22 )

پيرا پڙهو (اول ۽ آخرهڪ ڀيرو درود شريف پڙهو) ﴿18﴾ مدني انعامات مطابق عمل جي عادت ٺاهيو ۽ گهر جي جنهن فرد جي دل ۾ نرمي ڏسو ان ۾ ۽ اوهان جيڪڏهن پيءُ آهيو تہ اولاد ۾ نرمي ۽ حڪمت عملي سان مدني انعامات جو نفاذ ڪريو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان گهر ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو ﴿19﴾ پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، ۽ گهر وارن جي لاءِ بہ دعا ڪيو، مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان بہ گهرن ۾ مدني ماحول ٺهڻ جون مدني بهارون ٻڌڻ لاءِ ملن ٿيون.

**مدني التجا:** نافرمانن کي فرمانبردار بڻائڻ جي لاءِ اوراد شروع ڪرڻ کان اڳ سيّدنا امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي ايصال ثواب جي لاءِ 25 رپين جا ديني رسالا ورهايو.

## وقت جي پابندي

تدريس جو معاملو هجي يا دارالافتاء جو، مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هميشہ وقت جي پابندي فرمائيندا رهيا ۽ ڪڏهن بنا ضرورت جي موڪل نہ ڪندا هئا بلڪ جامعة المدينہ ڪنزالايمان ۾ تہ تقريباً ٻہ سالہ تدريسي دور ۾ سندن هڪ موڪل بہ نہ هئي، فجر جي نماز کان پوءِ وقت گهٽ هئڻ سبب ناشتو بہ فجر کان اڳ ڪري وٺندا هئا تہ جيئن دير نہ ٿئي دعوتِ اسلامي جي مجلس المدينة العلميه ۽ تَخَصُّصْ فِي الفِقهِ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ مون قبلہ مفتي صاحب رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي هميشہ وقت جو پابند ڏٺو آهي مجلسِ افتاء جي مڪتب ۾ سندن وقت صبح 8:00 بجي شروع ٿيندو هو پر پاڻ جڏهن

ٻه باب المدينه ۾ هوندا هئا ته هميشه وقت کان پهريان تشريف کڻي ايندا هئا ۽ مجلس افتاء جو مڪتب خود ئي کوليندا هئا (حالانڪه اها سندن ذميداري نه هئي) ان ڳالهه جا گواهه پهرين منزل جا خادم ۽ ٻيا اسلامي ڀائر به آهن مونکي هن ڳالهه جو مشاهدو ڪافي مهينن کان آهي ان لاءِ جو مونکي روزانو صبح تقريباً 7:50 تي ڪٽي وڃڻو هوندو هو ۽ تقريباً روزانو زيارت جو شرف حاصل ٿيندو هو انهي (يعني سندن زندگي جي آخري) خميس جي ڳالهه آهي ته مان حسبِ معمول 7:50 تي جڏهن ٻاهر نڪتس ۽ سوچي رهيو هئس ته اڄ مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زيارت نه ٿي رهي آهي، شايد پهريان اچي ويا آهن يا ٿي سگهي ٿو دير ٿي وئي هجي. ان دوران مون پاڻ وٽان گذرڻ واري رڪشي ۾ مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو مون سوچيو ته مفتي صاحب شايد اهو محسوس ڪيو هوندو ته ڪٽي پهچڻ ۾ دير نه ٿي وڃي ان لاءِ رڪشي ۾ تشريف کڻي آيا ڇو ته پاڻ اڪثر پيادل تشريف کڻي ايندا هئا، مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڏسي ڪري ڏاڍي خوشي ٿي ڇو ته سندن پابنديءَ مان مون اندازو لڳايو ته سندن تقويٰ ڪين رخصت تي عمل جي اجازت نه ٿي ڏئي حالانڪ اسان جي مجلس ۾ جن اسلامي ڀائرن جو اجارو 8:00 بجي جو هوندو آهي انهن کي 9:00 بجي تائين اجازت هوندي آهي جيڪڏهن اهي پنهنجو وقت آخر ۾ ڏئي ڇڏين ته انهن جو اهو وقت دير ۾ شمار نه ٿيندو، گڏوگڏ مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پابندي ڏسي منهنجو هي ذهن بڻيو ته پاڻ وقت کان اڳ ۾ ان لاءِ تشريف کڻي اچن ٿا ته جيئن وقت کان اڳ مڪتب کلي وڃي ۽ اسلامي ڀائرن جو ڪجهه وقت به فارغ نه گذري ان کان علاوه ٻين

تنظيمي معمولات ۾ بہ وقت جي پابندي مثالي هئي. تخَصُّص فِي الفِقہِ (مفتي كورس) سالِ اول جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي تہ اها ڳالھ منهنجي مشاهدي ۾ بہ رهي تہ مفتي صاحب رَحمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ اصول و وقت جا ڪافي پابند هئا ۽ ٻئي جي وقت جو بہ قدر ڪندا هئا جو تخَصُّص فِي الفِقہِ جي درجي ۾ پوري 8:00 بجي ڪان پڙهائي شروع ڪري ڇڏيندا هئا. جيتوڻيڪ درجي ۾ هڪ يا ٻہ اسلامي ڀائر هجن گڏوگڏ انهن جو اجارو 4:00 بجي تائين هو پر پاڻ اڪثر عصر بلڪ مغرب ڪانپوءِ بہ موجود رهندا هئا، حاضري رجسٽر بہ ان ڳالھ جو گواه آهي تہ پوري مهيني ۾ شايد ٻہ چار ڏينهن پنهنجي اجاري جي مقرره ٽيل وقت تي يعني (4:00 بجي) تشريف کڻي ويا هجن. مفتي صاحب رَحمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ جڏهن باب المدينہ (ڪراچي) جي دارالافتاء قطب مدينہ خضريٰ مسجد ڊرگ ڪالوني جي دوري تي هئا تہ اتان جي مفتي صاحب مَدَّظِلّہُ العَالِي سندن ڪان پڇيو تہ ڪهڙي ڳالھ توهان کي وقت جو ايترو پابند بڻايو آهي؟ تہ مفتيء دعوتِ اسلامي رَحمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ مختصر ۽ جامع جواب ارشاد فرمايو: ”احساسِ ذميداري (مون کي وقت جو پابند بڻايو)

**اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي۔** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## انداز تدريس

مفتيء دعوتِ اسلامي الحاج محمّد فاروق رَحمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ تمام آسان انداز ۾ طالبن جي نفسيات مطابق سبق پڙهائيندا ۽ سوال پڇڻ وارن جي مڪمل تشفي فرمائيندا هئا، تفسير جلالين پڙهائڻ

جو خاص تجربو رکندا هئا، تقريبًا چار مهينا شريعت ڪورس بہ پڙهايائون جنهن ۾ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا نگران، بعض اراڪين شوريٰ، پاڪستان انتظامي ڪابينا جا اراڪين ۽ بيشمار مجالس جا ذميداران ۽ مختلف شعبہ زندگي سان تعلق رکڻ وارا اسلامي ڀائر مثلاً استاد، واپاري، ملازم، اسڪول ۽ ڪاليج جا شاگرد وغيره شرڪت ڪندا هئا، شروع ۾ ”نصابِ شريعت“ مان عقائد جي باري ۾ درس ڏيندو هو پوءِ شرڪاء ان درس جي متعلق سوال ڪندا هئا ۽ مفتي صاحب انتهائي آسان ۽ عام فهم انداز ۾ جواب ڏيندا هئا. پوءِ عبادات يا معاملات جي متعلق درس ڏيندو هو پوءِ ان متعلق سوالن ۽ جوابن جو سلسلو ڏيندو هو پوءِ تجويد و قراءت جي اصولن جي مطابق مفتي صاحب قرآن مجيد پڙهائيندا هئا. (تادم تحرير ان درس جون پنج ڪيسٽون منظر عام تي اچي چڪيون آهن جن ڪي مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪري سگهجي ٿو) انهيءَ سبب جي ڪري امير اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمّد الياس عطار قادري رضوي ضيائي مَدَّظِلّهُ العَالِي کين ”استاذ الشوريٰ“ فرمائيندا هئا.

## شهيد مسجد ۾ امامت

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڏي عرصي تائين شهيد مسجد کارادر باب المدينہ ڪراچي ۾ امامت ڪندا رهيا، سندن وصال کان بعد اتان جي انتظاميہ جي طرف کان هڪ مڪتوب موصول ٿيو جنهن ۾ هي تحرير هئي: ”مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه شهيد مسجد جا سابق پيش امام بہ هئا، سندن کان اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ڪا

شڪايت نہ هئي بلڪ سندن جو ڪميٽي وارن تي اهو احسان آهي تہ پاڻ ڪيترائي پيرا ماهوار وظيفو نہ ورتو ۽ چوندا هئا تہ مصروفيت جي ڪري مان اڪثر نماز پڙهائڻ کان قاصر هوندو آهيان، اهو سندن تقويٰ جو بهترين مثال آهي (دعوتِ اسلامي جي مدني ڪم جون ذميداريون وڌڻ جي سبب) شهيد مسجد جي امامت ڇڏڻ کان اڳ پاڻ تقريباً پنج، ڇهہ مهينا بغير وظيفي جي امامت ڪئي.

**الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نمازن جو اهتمام

مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه باجماعت نمازن جو تمام گهڻو اهتمام ڪندا هئا، ڪيترائي پيرا ٽرين جي ذريعي جيڪڏهن پنجاب وڃڻو هوندو هو تہ باب المدينہ ڪراچي کان حيدرآباد تائين بس ۾ سفر ڪندا هئا تہ جيئن آساني سان نماز ادا ٿي سگهي، جيڪڏهن ٽرين اچڻ ۾ تاخير ٿيندي هئي تہ باقاعده مسجد وڃي باجماعت نماز ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، هميشہ هر نماز پهرين صف ۾ ادا ڪرڻ جي مڪمل ڪوشش ڪندا هئا. سندن هڪ رفيق مفتي صاحب مَدَّظِلُّهُ العَالِي جو بيان آهي تہ

مفتي محمّد فاروق العطاري المدني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام باعمل هئا، مدني انعامات جا عامل هئا اڪثر باوضو رهندا هئا، مون ڪيترائي پيرا ڪين وضو ڪان بعد نوافل (يعني تحية الوضو) ادا ڪندي ڏٺو، عموماً اذان کان اڳ وضو ڪندا هئا ۽ جيئن ئي اذان ٿيندي هئي مسجد ۾ هليا ويندا هئا ۽ عموماً پهرين صف ۾ نماز

پڙهندا هئا. مان سندن سان گڏ تقريباً چار سال رهيس پر مون سندن تڪبير اوليٰ فوت ٿيندي نه ڏٺي.“

مفتي دعوتِ اسلامي رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه وضوڪان اڳ ثواب جي نيّت سان عمامي جو هڪ ور ڪوليندا هئا ۽ غالباً ان حديث ڪي پيش نظر رکندي قبلہ رخ ٿي عمامو شريف ٻڌندا هئا ته حضرت معاذ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته رحمت عالم، نور مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: عماما عرب جا تاج آهن ته عمامو ٻڌو توهان جو حلم وڌندو ۽ جيڪو عمامو ٻڌندو ان جي لاءِ هر وکڙ تي هڪ نيڪي آهي ۽ جڏهن لاهيندو ته هر وکڙ کولڻ تي هڪ خطا معاف ٿيندي آهي. (ڪنزالعمال، ج 15 ص 133 الحديث 41138)

پوءِ شيخِ طريقت امير اهلسنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو مرتب ڪيل مسجد ۾ وڃڻ جي چاليهه نيّتن جو ڪارڊ پڙهندا هئا. (اهو ڪارڊ مکتبة المدينہ تان هدية حاصل ڪري سگهجي ٿو) ۽ مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪوشش ڪندا هئا جو هر صف تي ساڄو قدم رکن! فرض نماز ادا ڪرڻ کان بعد سنّتون ادا ڪرڻ کان پهريان گفتگو کان حتي الامڪان پري رهندا هئا.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سندن علائقي گلشنِ اقبال باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته اسان جي علائقي ۾ هڪ جڳهه خريد ڪئي وئي هئي ۽ اتي جاءِ نماز قائم ڪئي وئي هئي، مفتي فاروق رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه اتي اڪثر نماز ادا ڪرڻ ايندا هئا (انتقال واري ڏينهن به

جمعي جي نماز مفتي فاروق رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَيۡه اتي ادا فرمائي هئي) ان جڳهه تي قبلي جي طرف بابت مفتي صاحب رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَيۡه کي ڪجهه شڪ گذريو پاڻ مون کي فون ڪيائون تہ فلاڻي ڏينهن مونکي فون ڪجو قبلي جو طرف چيڪ ڪرڻ جي ترڪيب بڻائينداسين غالباً مان فون نہ ڪري سگهيس بلڪ پاڻ مونکي ٻيهر فون ڪيائون ۽ ڪثرت مصروفيات جي باوجود سومهڻي ڪانپوءِ پاڻ تشريف کڻي آيا. پاڻ قبلي جو طرف چيڪ ڪرڻ جو اوزار پاڻ سان گڏ کڻي آيا هئا اتي ويهي ڪري ڪاغذ تي باقاعده نقشو بڻايائون تہ هتي صفن جو رخ 45 ڊگري زاويہ ۾ آهي يا نہ؟ غور و تفڪر ڪانپوءِ ظاهر ٿيو تہ اتي جون صفون قبلي جي طرف کان هٽيل هيون پر اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ 45 ڊگري جي اندراندر هيون تنهنڪري نمازون صحيح ٿي رهيون هيون، اها سندن بصيرت ئي هئي پاڻ اندازو ڪري ورتائون تہ قبلي جي طرف ۾ ڪجهه نہ ڪجهه غلطي آهي ۽ پوءِ پنهنجي مصروفيات مان وقت ڪڍي ڪري اچڻ يقيناً اسان اسلامي ڀائرن سان وڏي خير خواهي هئي.

هڪ ڀيري مفتي محمّد فاروق عطاري رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَيۡه غوثيہ مسجد (عابد ٽائون گلشنِ اقبال) ۾ معتڪف هئا. انهيءَ دوران هڪ معتڪف پنهنجي ڀاءُ جي باري ۾ ڏاڍو مشهور ڪري چڪو هو تہ سندس ڀاءُ تي ”سواري“ ايندي آهي، هڪ ڏينهن سندس اهو ڀاءُ بہ اچي ويو ۽ ”سواري“ بہ اچي وئي اتفاق سان ان وقت اهو سواري وارو شخص ۽ سندس ڀاءُ محمد فاروق جي خيمي ۾ هئا. جڏهن سواري آئي تہ سڀ ڊڄي ويا ۽ سواري واري شخص کان سوال ڪرڻ لڳا، محمد فاروق عطاري وڏي پر اعتماد انداز ۾ پنهنجي ڪم ۾

مشغول رهيا، ان وقت تہ ڪجهہ نہ چيائون پر رات جي نشست ۾ شيخِ طريقت امير اهلسنّت مَدَّظِلُّهُ العَالِي جو رسالو ”جنات کی حکایات“ پڙهي ٻڌايو، جنهن ۾ سوارين جي ڏوڪيبازين جو رد بليغ ڪيو ويو هو.
**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عاجزي

مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زيارت کان فيضياب ٿيڻ وارا اسلامي ڀائر هن ڳالهہ جا گواهہ آهن تہ مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عاجزي ۽ انڪساري جا پيڪر هئا، خاص ڪري پاڻ خادم اسلامي ڀائرن سان وڏي محبت سان پيش ايندا هئا، خادم کي ڇڻ وڏو ڀاءُ سمجهندا هئا ۽ ان جو بين کان گهڻو قدر ڪندا هئا، مرڪزي مجلس شوريٰ جا رڪن هئڻ جي باوجود ڪڏهن وڏين راتين وغيره جي اجتماعات ۾ بہ منچ تي نہ ويهندا هئا.

گلشنِ اقبال باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ايترا سادا طبيعت هئا جو مون کي ائين لڳندو هو تہ مان هڪ عام اسلامي ڀاءُ سان گڏ آهيان چاهي علائقي ۾ هجن يا مدني قافلي ۾ سفر تي هجن هر جڳهہ سادگي ۽ عاجزي، سندن سادگي ڏسي ڪو اهو محسوس نہ ڪري سگهندو هو تہ ايترا وڏا مفتي صاحب آهن. (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه)

گلشنِ اقبال جي ئي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي:

مفتي محمّد فاروق عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه خميس جو اجتماع ڪانپوءِ سنّتون سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ بہ شرڪت فرمائيندا هئا،

ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو جو مون ڪيترن ئي نون اسلامي ڀائرن کي علائقي ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو تعارف عالم و مفتي جي لحاظ کان ڪرايو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عاجزي ڪندي فرمائيندا هئا ته مان مفتي ناهيان هڪ ڀيري وڏي پيار سان سمجھايائون ته "توهان جڏهن منهنجو تعارف ان طرح ڪرائيندا آهيو ته ترڪيب آئوٽ ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ مان ايترو فري ٿي ڪري مدني قافلي ۾ ٻين مدني ڪمن جي دعوت نه ڏئي سگھندو آهيان" سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! مفتي چورائڻ کان بچڻ جو ڪيڏو پيارو انداز آهي. جڏهن بين الاقوامي اجتماع ۾ پهرين ڀيرو بطورِ رڪنِ شوريٰ مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نالي جو اعلان ٿيو ته ان وقت پاڻ علاقائي نگران هئا جڏهن سيني مبارڪ ڏيڻ شروع ڪئي ته فرمايائون: مفتي فاروق جو اعلان ٿيو آهي اهو ڪو ٻيو هوندو، (جو ته مان ته مفتي ناهيان)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مفتيءِ دعوتِ اسلامي..... بطور علاقائي نگران

مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بطور علاقائي نگران پنهنجي ماتحت اسلامي ڀائرن جو خيال رکندا هئا، دارالافتاء اهلسنّت ۾ پاڻ هڪ سال ناظمِ مڪتب رهيا سندن نظامت مثالي هئي، ناظم هئڻ جي حيثيت سان براهِ راست تنقيد نه ڪندا هئا بلڪ اجتماعي طور تي سمجھائيندا هئا ڪڏهن به ڪنهن جي شڪايت نه ڪندا هئا بلڪ پرده پوشي ڪندا هئا بارعب هئڻ جي باوجود پنهنجائپ تمام گھڻي هئي، اجاري تي ڪم ڪرڻ وارن اسلامي ڀائرن جي خير

خواهي ڪندي سندن پڳهار جي ادائيگي جي جلد کان جلد ترڪيب ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، سندن رفاقت ۾ سنّتن جي خدمت ڪرڻ واري هڪ مفتي صاحب مَدَّظِلّهُ العَالي جو چوڻ آهي ته ”جيتوڻيڪ پاڻ مون سان تڪلف نه ڪندا هئا پر قدرتي طور تي بارعب هئا، مون کي ساڻس ڏاڍي محبت هئي پر سندن رعب جي ڪري مان ڪڏهن ايترو به نه چئي سگهيس ته مون کي توهان سان محبت آهي.

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مفتيء دعوتِ اسلامي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَنِي جي رحلت

18 محرم الحرام 1427 ھ بمطابق 17 فيبروري 2006ع جمعي جو مغرب جي نماز کان پوءِ تقريباً 8:00 بجي باب المدينہ ڪراچي ۾ هي خبر جهنگ جي باهه وانگر ڦهلجي وئي ته تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا رڪن مفتيء دعوتِ اسلامي الحافظ القاري الحاج حضرت علامہ مولانا محمّد فاروق عطاري المدني انتقال فرمائي ويا آهن.

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ

## وفات جون ڪيفيات

اها خبر ڦهلجڻ کان پوءِ ڪثير تعداد ۾ اسلامي ڀائر سندن گهر (واقع گلشنِ اقبال باب المدينہ ڪراچي) جي ٻاهران جمع ٿي ويا، هر اسلامي ڀاءُ ڏڪويل ۽ هر اک اشڪبار هئي، ڪثير اسلامي ڀائرن قطار ۾ لڳي سندن چهري مبارڪ جي زيارت ڪئي، مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي هڪ رڪن سندن انتقال جا تفصيل ڪجهه هن طرح ٻڌايا ته

”جمعي جي نماز جي ادائيگي کان پوءِ مفتيءِ دعوتِ اسلامي الحاج الحافظ القاري مفتي محمد فاروق العطاري المدني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ماني کاڌي، ان کانپوءِ ڪجھ دير گھروارن سان گفتگو ۾ مصروف رهيا پوءِ ديني ڪتابن جي مطالعي ۾ مشغول ٿي ويا. ساڍي ٽين بجي جي لڳ ڀڳ پاڻ آرام ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي گھر جي هيٺين منزل ۾ اچي ويا ۽ گھر وارن کي تاڪيد ڪيائون تہ ڪين عصر جي نماز لاءِ جاڳايو وڃي، نماز جو وقت ٿيڻ تي سندن والدهء محترمہ ڪين سڏيو پر سندن جي طرف کان ڪو جواب نہ آيو هوءَ پاڻ هيٺ آيون ۽ ڏٺائون تہ مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه بي حس و حرڪت پيا آهن، ان فوراً سندن وڏي ڀاءُ کي فون ڪئي، اهو فوراً گھر پهتو ۽ مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڪٽي اسپتال ڏانهن روانو ٿيو، اتي پهچي ڊاڪٽرن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو طبي معائنو ڪيو ۽ ٻڌايائون هي تہ دل بيهجي وڃڻ سبب تقريبًا ٻہ ڪلاڪ پهريان ئي وفات ڪري ويا آهن.“ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ايصال ثواب جو آغاز

سندن گھر جي ٻاهران جمع ٿيڻ وارا اسلامي ڀائر تلاوت قرآن ۽ ذڪر و درود ۾ مشغول هئا ۽ ائين ڪين ايصالِ ثواب جو سلسلو دفن ٿيڻ کان پهريان ئي شروع ٿي ويو. **اَلْحَمْدُلِلّٰه علي ذالڪ**

## تختہ غسل تي مسڪراهٽ

رات جو تقريباً 10:00 بجي مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي غسل ڏنو ويو. ڪين غسل ڏيڻ وارن اسلامي ڀائرن جو بيان آهي

تہ اسان ڪليل اکين سان ڏٺو تہ مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه غسل جي دوران مسڪرائي رهيا هئا ان جي گواهي اتي موجود ٻين اسلامي ڀائرن بہ ڏني آهي جڻ پاڻ سيدنا شيخ سعدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هن شعر جا مصداق هئا:

یاد داری کہ وقتِ زادن تو همه خَنداں بدند توگِریاں
آنچناں زی کہ وقت مُردن تو ہَمہ گِریاں شَوند توخَنداں

يعني ياد رک! جڏهن دنيا ۾ آيو هئين تہ تون روئين رهيو هئين ۽ ماڻهو مُرڪي رهيا هيا اهڙي طرح جي زندگي بسر ڪر جو تنهنجي موت جي وقت ماڻهو روئي رهيا هجن ۽ تون مرڪي رهيو هجين. (شجره عطاريہ ص 30)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمين بِجاہِ النّبيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نعت خواني جي دوران چپن جي چرپر

غسل ڏيڻ ڪانپوءِ اسلامي ڀائرن مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي چوڌاري جمع ٿي نعت خواني شروع ڪئي، تَخَصُّص فِي الفِقه (مفتي ڪورس) جي ٻئي سال جي هڪ طالب العلم جو بيان آهي تہ مون ڏٺو تہ نعت خواني جي دوران استاذ محترم مفتيء دعوتِ اسلامي الحاج مولانا محمّد فاروق العطاري المدني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا چپ مبارڪ چري رهيا هئا.

رات تقريباً 1:00 وڳي سندن جسد مبارڪ کي دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي آندو ويو، جتي اسلامي ڀائرن سندن چوڌاري جمع ٿي ڪري نعت خواني ڪئي، تلاوت قرآن ۽ ذِڪر و درود جو بہ سلسلو رهيو.

## چپ چرڻ لڳا

جامعة المدينہ فيضان مدينہ باب المدينہ جي هڪ طالب علم جو بيان آهي تہ
”اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلّ جڏهن رات جي وقت مفتيء دعوتِ اسلامي حاجي محمّد فاروق العطاري المدني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو جسد مبارڪ اسلامي ڀائرن کي زيارت ڪرائڻ جي لاءِ سندن گهر کان فيضان مدينہ آندو ويو تہ ان دوران نعت خواني جاري هئي ۽ زائرين زيارت کان مستفيض ٿي رهيا هئا، جڏهن نعت خوان اسلامي ڀاءُ ”کعبے کے بَدرُ الدُّجٰی تم پہ کروڑوں دُرُود“ پڙهڻ شروع ڪيو تہ ان دوران مان مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بلڪل ويجهو هئس ۽ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي مسلسل سندن چهري مبارڪ جي زيارت ڪري رهيو هئس اوچتو هڪ شعر تي مون کي مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي چپن جي چرپر محسوس ٿي پر مون ان کي محض پنهنجو گمان سمجهيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اها منهنجي نظر جي خطا هجي پر بعد ۾ اهڙي طرح چپن جي چرڻ جي باري ۾ هڪ ٻئي اسلامي ڀاءُ بہ ٻڌايو، ان کان علاوه بہ گهٽ ۾ گهٽ ٻن اسلامي ڀائرن ان جي تصديق ڪئي.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## باني ءِ دعوتِ اسلامي جي آمد

مفتيء دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وصال جي وقت شيخ طريقت امير اهلسنّت باني ءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمّد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسلامي

ڪتابن جي تحريري ڪمن جي سلسلي ۾ ملڪ کان ٻاهر هئا ڇو تہ پاڪستان ۾ موجود هئڻ جي صورت ۾ خَلقت جو سندن جي طرف ايتري قدر رجوع هوندو آهي جو پاڻ يڪسوئي سان تحريري ڪم ڪري ناهن سگهندا. رات جو اٽين بجي ڌاري امير اهلسنّت مَدَّظِلّهُ العَالِي کي مفتيء دعوتِ اسلامي جي انتقال جو اطلاع ڏنو ويو، دراصل باب المدينہ مان ڪيل فون سندن سان گڏ رهندڙ اسلامي ڀاءُ وصول (Receive) ڪئي ۽ ان امير اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه کي فوراً نہ ٻڌايو بلڪ جڏهن اطمينان سان رات جي ڪاڏي ۽ چانهہ کان فارغ ٿيا تڏهن اسلامي ڀاءُ چپ چوريا ۽ سندس اکين ۾ رڪيل ڳوڙها وهي نڪتا، ان روئي روئي ڪري مفتيء دعوتِ اسلامي جي رحلت جي خبر وحشت اثر امير اهلسنّت مَدَّظِلّهُ العَالِي کي ٻڌائي، پنهنجي مدني پٽ جي دنيا مان رخصتي جي درد انگيز خبر ملڻ تي باني دعوتِ اسلامي مَدَّظِلّهُ العَالِي بہ صدمي کان بيحال نظر اچڻ لڳا ۽ رقت قلبي جي سبب سندن اکين ۾ ڳوڙها ظاهر ٿيڻ لڳا، پاڻ مَدَّظِلّهُ العَالِي هوائي جهاز ذريعي رات تقريباً 3:15 بجي ڪراچي پهچي ويا ۽ ايئرپورٽ کان تقريباً 3:45 بجي سڌا فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي تشريف کڻي آيا ۽ پنهنجي مدني پٽ مفتيء دعوتِ اسلامي حاجي فاروق عطاري عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ البَارِي کي پنهنجي قربت جو شرف بخشيائون ۽ سندن لاءِ دعا بہ ڪيائون.

## مفتيءِ دعوتِ اسلامي جي جنازي نماز

مفتيء دعوتِ اسلامي حافظ محمّد فاروق العطاري المدني عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الغني جي جنازي نماز صبح تقريبًا 10:30 بجي دعوتِ اسلامي

جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جون سعادتون ان وقت پنهنجي عروج تي پهتيون جڏهن سندن مرشد ڪريم، زماني جي ولي، شيخ طريقت امير اهلسنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برکاتهم العاليه سندن جنازي جي نماز پڙهائي ان ڪان پوءِ اهڙي رقت انگيز دعا ڪئي جو حاضرين پنهنجي جذبات تي قابو نہ رکي سگهيا ۽ زاروزار روئڻ لڳا، ان رقت انگيز دعا جا الفاظ ڪجھ هيئن هئا:

## جنازي نماز کان پوءِ رقت انگيز دعا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ علٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَللّٰھمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ

يا رَبَّ الْمصطفي جَلَّ جَلَالُه اسان سڀني جا گناھ معاف فرماءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني جي مغفرت فرماءِ، پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي امت جي مغفرت فرماءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ مرحوم مفتي محمّد فاروق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مغفرت فرماءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ عنقريب قبر جي اڪيلائين ۾ ڪين اڪيلو ڇڏيو ويندو، اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي حاجي فاروق جي قبر تي رحمت و رضوان جا گل وساءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ قبر جي وحشت ۽ تنگي دور فرماءِ، ڪين قبر ۾ امن نصيب فرماءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ قبر مجرمن کي اهڙي طرح دٻائيندي آهي جو پاسراتيون پچي پُري ڪري هڪ ٻئي ۾ ملي ويندون آهن پر تنهنجي نيڪ ٻانهن کي اهڙي طرح دٻائيندي آهي جيئن ماءُ پنهنجي وڇڙيل لال کي سيني سان لڳائيندي آهي، اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان توکان رحم جي درخواست ڪريون ٿا تہ اسان جي محمد فاروق عطاري کي قبر اهڙي طرح

ڏٻائي جھڙي طرح ماءُ پنھنجي وڇڙيل لال کي شفقت سان مامتا
ڀريل گود ۾ لڪائيندي آھي، پنھنجي سيني سان لڳائيندي آھي. اي
مولا عَزَّوَجَلَّ مرحوم جي قبر کي تاحد نگاھ وسيع فرماءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ
منھنجي فاروق تي ڪا تڪليف نہ اچي، اي الله عَزَّوَجَلَّ منھنجي فاروق
جا سڀ گناھ معاف فرماءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ منھنجي فاروق کي قبر ۾
وحشت نہ ٿئي، گھبراھٽ نہ ٿئي، تنگي نہ ٿئي، اي الله عَزَّوَجَلَّ منھنجي
فاروق کي پنھنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلون ۾ گم
ڪري ڇڏ، يا الله عَزَّوَجَلَّ پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رخ روشن
جو واسطو! منھنجي فاروق جي قبر کي روشن ڪر! اي الله عَزَّوَجَلَّ
منھنجي فاروق کي بخشي ڇڏ، توکي تنھنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى
عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو، مرسلين جو واسطو، صحابہ جو واسطو، تابعين
جو واسطو، سيدالشھداء امام حسين جو واسطو، سيّدنا عباس
علمدار جو واسطو علي اڪبر و علي اصغر جو واسطو، ڪربلا جي
ھر شھيد و اسير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم اَجْمَعِين جو واسطو، منھنجي فاروق جي قبر
کي جنّت جو باغ بڻاءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ ھي عالم ھئا، انھن تنھنجي دين
جي جيڪا خدمت ڪئي ان کي قبول فرماءِ، اي مولا عَزَّوَجَلَّ پاڻ ويچارا
ڀري جواني ۾ اسان کان رخصت ٿي ويا، اي رحمت وارا مولا عَزَّوَجَلَّ
تنھنجي رحمت جي حوالي، اي الله عَزَّوَجَلَّ تنھنجي رحمت جي حوالي،
اي الله عَزَّوَجَلَّ تنھنجي رحمت جي حوالي، مولا عَزَّوَجَلَّ منھنجي غوث
پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو واسطو منھنجي فاروق تي ڪرم ڪر، منھنجي
اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جو واسطو منھنجي
پيرو مرشد سيدي قطب مدينہ ضياء الدين مدني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الغَنِي جو
واسطو منھنجي فاروق تي ڪرم ڪر، ڪين رحمتن جي ڇانو ھينان
جڳھ ڏي، سندن قبر تي رحمتن جو سائبان ٻيھار، اي الله عَزَّوَجَلَّ سندن
فيوض و برڪات قيامت تائين جاري رھن، اي الله عَزَّوَجَلَّ سيني کي

ايمان جي سلامتي نصيب فرماءِ اسان سيني کي مديني منوره ۾ زير گنبدِ خضراء محبوب جي جلون ۾ شهادت نصيب ڪري جنّت البقيع ۾ مدفن ۽ جنّت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو عطا فرماءِ اِلٰهَ العٰلَمِين منهنجي فاروق کي به محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جنّت ۾ پاڙو ڏئي ڇڏ، يا **الله** عَزَّوَجَلَّ سندن گهر وارن کي سندن دوستن کي ۽ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ کي صبر جميل عطا ڪري ۽ ان صبر تي اجر عطا فرماءِ اِلٰه العٰلَمِين سندن گهروارن کي شڪوه ۽ شڪايت کان بچاءِ صبر، صبر ۽ صبر عطا فرماءِ اي **الله** عَزَّوَجَلَّ سندن زبان مان توکي ناراض ڪرڻ وارو ڪو به جملو نه نڪري، اي **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان جو هن ڳالهه تي ايمان آهي ته اسان سيني کي مرڻو آهي پر اسان پانها آهيون ان لاءِ روئون ٿا، اي **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي گريءِ رحمت نصيب ڪري اي **الله** عَزَّوَجَلَّ ان گريءِ رحمت جو واسطو جيڪو تنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي شهزادي سيدنا ابراهيم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وفات تي ڪيو هو انهن پاڪيزه مقدس ڳوڙهن جو واسطو اسان کي حقيقي معنيٰ ۾ صبر ۽ اهڙو صبر عطا فرماءِ جيڪو توکي پسند هجي مولا عَزَّوَجَلَّ پوري امت جي بخشش ڪري مولا عَزَّوَجَلَّ ايمان جي سلامتي عطا فرماءِ ايمان جو قدر نصيب ڪري عمل صالح نصيب ڪر.

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِحَيِّنَا وَمَيِّتِنَا وَشَاهِدِنَا وَغَآئِبِنَا وَصَغِيرِنَا وَكَبِيرِنَا وَذَكَرِنَا وَاُنْثَانَا ط اَللّٰهُمَّ مَنْ اَحْيَيْتَهٗ مِنَّا فَاَحْيِهٖ عَلَى الْاِسْلَامِ وَمَنْ تَوَفَّيْتَهٗ مِنَّا فَتَوَفَّهٗ عَلَى الْاِيمَانِ ط

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جنازو صحراءِ مدينه ڏانهن نيو ويو

جنازي نماز جي ادائيگي کانپوءِ سندن جي مرشد ڪامل

شيخِ طريقت امير اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برکاتھم العاليه سندن جنازي کي کلهو ڏنو، جنازي کي کلهو ڏيڻ جي خواهشمند اسلامي ڀائرن جي ڪثير تعداد جي پيش نظر جنازي جي ڏولي سان ڏگها ڏگها بانس ٻڌا ويا هيا، هزارين اسلامي ڀائر مفتيءِ دعوتِ اسلامي رحمة الله تعالٰی عليه کي ڪٺي ڪري تدفين جي لاءِ جلوس جي شڪل ۾ باب الاسلام (سنڌ) جي مدني مرڪز صحراءِ مدينه جي طرف روانا ٿيا، پاڻ رحمة الله تعالٰی عليه جي علائقي گلشنِ اقبال (جيڪو فيضانِ مدينه کان چند ڪلوميٽر پري آهي ان تائين) جنازو ڪلهن تي ڪنيو ويو پوءِ هڪ ٽرڪ تي سندن جنازو رکيو ويو، انهي ٽرڪ تي اميرِ اهلسنّت مدظله العالي، سندن وڏا شهزادا حضرت مولانا حاجي ابو اسيد احمد عبيد رضا العطاري المدني سلّمہ الغني ۽ متعدد اراڪين شوريٰ به سوار هئا ۽ ائين پاڻ رحمة الله تعالٰی عليه پنهنجي مرشدِ ڪامل دامت برکاتھم العاليه جي همراهي ۾ صحراءِ مدينه (نزد ٽول پلازه سپر هاءِ وي باب المدينه ڪراچي) روانا ٿي ويا، سڄي رستي ۾ ذڪر و درود ۽ نعت خواني جو سلسلو جاري رهيو.

## تدفين جون ڪيفيتون

مفتيءِ دعوتِ اسلامي الحاج محمّد فاروق العطاري المدني رحمة الله تعالٰی عليه کي صحراءِ مدينه ۾دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مرحوم نگران بلبل روضہ رسول حاجي محمّد مشتاق احمد عطاري عليه رحمة الله الباري جي ساڄي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو، پاڻ رحمة الله تعالٰی عليه کي سندن مرشد ڪامل، شيخِ طريقت امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمّد الياس عطار قادري دامت برکاتھم العاليه جي

موجودگي ۾ تقريباً 2:00 بجي ٻيپهري دعوتِ اسلامي جي مختلف مجالس جي اسلامي ڀائرن سنّت جي مطابق تيار ڪيل قبر ۾ لاٿو، مديني شريف جا بيشمار تبرڪات سندن سيني تي رکيا ويا ۽ اميرِ اهلسنّت مَدَّظِلّهُ العَالي جي چادر مبارڪ بہ سندن ڪفن جي مٿان بطورِ تبرڪ وڌي وئي ان دوران پرسوز نعت خواني جو سلسلو بہ جاري رهيو، قبر تي رکيل سرن جي اندرئين حصي کي مٽيءَ جو ليپو بہ ڏنو ويو هو، جڏهن آخري سر رکي پئي وئي تہ اميرِ اهلسنّت مَدَّظِلّهُ العَالي مضطرب ٿي ارشاد فرمايو: "ترسو مون کي پنهنجي مدني پٽ جو آخري ديدار ڪرڻ ڏيو." دفن ڪرڻ کانپوءِ قبر تي جيڪا مٽي وڌي پئي وئي ان تي ختم شريف پڙهيو ويو هو، اميرِ اهلسنّت دامَت بَرَكاتُهُمُ العَاليه اتي موجود اسلامي ڀائرن کي قبر تي مٽي وجهڻ جو طريقو ٻڌائيندي ڪجهہ هن طرح ارشاد فرمايو: مستحب هي آهي تہ سيراندي جي طرف کان ٻنهي هٿن سان انهيءَ قبر جي ٿي ڀيرا مٽي وجهي ڇڏيو. پهريون ڀيرو چئو مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ (اسان زمين مان ئي توهان کي پيدا ڪيو) ٻيو ڀيرو چئو وَفِيهَا نُعِيْدُكُم (۽ انهيءَ ۾ ئي توهان کي موٽائينداسين) ۽ ٽيون ڀيرو چئو وَمِنْهَا نُخْرِجُكُم تَارَةً اُخْرٰى (۽ انهيءَ مان توهان کي ٻيهر ڪڍنداسين) باقي مٽي هٿ يا رنبيءَ يا بيلچي وغيره جنهن شيءِ سان ممڪن هجي قبر تي وجهي ڇڏيو ۽ جيتري مٽي قبر کان نڪتي ان کان وڌيڪ وجهڻ مڪروه آهي.

(الجوهرة النيرة ص 141)

پوءِ امير اهلسنّت مَدَّظِلّهُ العَالي مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي منڪر نڪير جي جوابات جي تلقين ڪئي.

## قبر تي اذان

ان ڪانپوءِ بانيءِ دعوتِ اسلامي مَدَّظِلّهُ العَالِي مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قبر تي خود اذان ڏني ۽ قبر جي سيرانديءَ جي طرف ڪان ٻيهي ڪري سورة بقره الم ڪان مُفْلِحُوْن تائين تلاوت ڪيائون، ان ڪان بعد شهزادهء عطار حاجي مولانا ابو اُسيد احمد عبيد رضا عطاري المدني سَلَّمَهُ الغني سورة بقره اٰمَنَ الرَّسُوْلُ ڪان ختم سورت تائين تلاوت ڪئي.

## دعوتِ اسلامي هرگز نہ ڇڏيو!

تدفين ڪانپوءِ امير اهلسنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي مَدَّظِلّهُ العَالِي اتي موجود اسلامي ڀائرن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وفادار رهڻ جي ڪجهه هن طرح تاڪيد ڪئي.

توهان جي ڪنهن ذميدارِ دعوتِ اسلامي سان چاهي ڪيتري ئي ناراضگي ڇو نه ٿي وڃي دعوتِ اسلامي ڪان ناراض نہ ٿيو، چاهي مون ڪان ناراضگي ٿي وڃي، نگران شوريٰ ڪان ٿي وڃي، بيشڪ مرڪزي مجلس شوريٰ ڪان ناراضگي ٿي وڃي پر دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابستہ رهو ۽ عملي طور تي دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم بہ ڪندا رهو، ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ قبر ۾ بہ آرام نصيب ٿيندو، حشر ۾ بہ ڪاميابي نصيب ٿيندي. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ

اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي اسان جي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي ڪرڻ وارن جي تحريڪ آهي، اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ! مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي ۽ دعوتِ اسلامي وارن سان بہ پيار آهي (دعوتِ اسلامي واري مان منهنجي مراد اها ناهي تہ) جيڪو زبان

سان تہ اها دعويٰ ڪري تہ مان دعوتِ اسلامي وارو آهيان پر جڏهن موقعو ملي تہ دعوتِ اسلامي کي نقصان پهچائي. ان جي مخالفت ڪري بلڪ جيڪو واقعي دل و جان سان دعوتِ اسلامي وارو آهي مون کي (تہ) ان سان پيار آهي، مان دعوتِ اسلامي جو آهيان ۽ مون کي دعوتِ اسلامي وارن سان پيار آهي، جيڪي منهنجا آهن (اهي ٻڌي وٺن تہ) منهنجي دعوتِ اسلامي کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏجو، اها منهنجي وصيت آهي، ڪجهہ بہ ٿي پئي توهان کي ڪنهن ذميدار سان ڪيترو ئي اختلاف ٿي وڃي، دعوتِ اسلامي کي نہ ڇڏجو ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ بيشمار ڀلايون حاصل ٿينديون، اسان خطاڪار انسان آهيون، خطا ڪري ويهندا آهيون، مان بہ خطائن کان پاڪ ناهيان، ويچارا مرڪزي مجلسِ شوريٰ وارا بہ خطائون ڪندا هوندا، مبلغين بہ غلطيون ڪندا هوندا، اسان کي گهرجي تہ پيار محبت سان هڪ ٻئي جي اصلاح ڪندا رهون بس ڪڏهن بہ دعوتِ اسلامي کي نہ ڇڏجو، ان تحريڪ کي هلائيندا رهجو ۽ اهو ذهن ٺاهيو تہ ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ.“

## تجديدِ عهدِ وفا

(ان کان پوءِ اتي موجود اسلامي ڀائرن جي خواهش تي امير اهلسنّت مَدَّظِلّهُ العَالِي هن طرح عهد وفا ورتو)

”ارادو ڪريان ٿو مان تہ دعوتِ اسلامي سان آخري ساهہ تائين وابستہ رهندس، چاهي ڪنهن وڏي کان وڏي ذميدار سان ڪيڏو ئي وڏو اختلاف ڇو نہ ٿي وڃي مان دعوتِ اسلامي نہ ڇڏيندس ۽ جيڪڏهن ٿي سگهيو تہ ان جي اصلاح ڪندس نہ تہ جيستائين شريعت

واجب نہ ڪري ان وقت تائين ان اختلاف جو ڪنهن سان تذڪرو نہ ڪندس، پنهنجي دعوتِ اسلامي کي نقصان نہ پهچائيندس. (پوءِ امير اهلسنّت مَدَّظِلُّهُ العَالِي بارگاھ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو) اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي دعوتِ اسلاميءَ جو باغ آباد رهي، ڪڏهن بہ خزان جا تيز جهوتا ان کي پامال نہ ڪري سگهن. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بعد تدفين پُر سوز دعا

تدفين کان پوءِ شيخِ طريقت امير اهلسنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه ڪجھ هن طرح سان دعا ڪئي:

"اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ، وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ، يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ يَا اَرحَمَ الرَّاحِمِيْنَ يَا رَبَّنَا يَا رَبَّنَا يَا رَبَّنَا يَا رَبَّنَا يَا رَبَّنَا يَا اللّٰهُ يَا رَحْمٰنُ يَا رَحِيْمُ جَزَى اللّٰهُ عَنَّا سَيِّدَنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدًا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مَا هُوَ اَهْلُه، اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِى الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ.

يا رب مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ اسان سيني جي گناهن کي معاف فرماءِ! ياالله عَزَّوَجَلَّ اسان جي مغفرت فرماءِ، پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جي مغفرت ڪري ڇڏ، ياالله عَزَّوَجَلَّ اسان پنهنجي حاجي فاروق کي تنهنجي رحمت جي حوالي ڪيو، اي الله عَزَّوَجَلَّ هي تنهنجي رحمت جي حوالي آهي، اي الله عَزَّوَجَلَّ تون ئي ڪرم ڪندين، مولا! بس تنهنجي رحمت ڪم ايندي، اي الله عَزَّوَجَلَّ تون ئي بگڙي بڻائيندين تون ئي هن جي قبر کي روشن ڪندين، اسان بتي (لائيٽ) لڳائي نہ ٿا سگهون، جيڪڏهن لڳايون بہ تہ روشني نٽي ٿي سگهي، اي الله عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور سان اسان جي حاجي

فاروق جي قبر کي جڳمڳ ڪري ڇڏ، تو کي نور واري محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو، ويچاري جي قبر کي نور سان پري ڇڏ، اي ربِ بي نياز! تنهنجي خفيہ تدبير ڪنهن جي باري ۾ ڪهڙي آهي ڪو نٿو ڄاڻي، اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو ڇا ٿيندو! اي الله عَزَّوَجَلَّ تون ويچاري جي قبر کي رحمت و رضوان جي گلن سان ڍڪي ڇڏ، اي مالڪ رحم ڪر ڪرم ڪر، ياارحم الراحمين! منهنجو فاروق منهنجو مدني پٽ تنهنجي رحمت جي حوالي آهي، يا الله عَزَّوَجَلَّ مان ان کان آخري ساهہ تائين راضي هئس (تون بہ ان کان راضي ٿي وڃ) يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان ان کان راضي هئس، (توهان بہ ان کان راضي ٿي وڃو) ياغوث اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ مان ان کان راضي آهيان منهنجي فاروق کان توهان بہ راضي ٿي وڃو، ان تي بہ ۽ منهنجي مشتاق تي بہ ڪرم ٿي وڃي، يا الله عَزَّوَجَلَّ مان مشتاق کان بہ راضي آهيان (تون بہ ان کان راضي ٿي وڃ) يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان مشتاق کان بہ راضي آهيان (توهان بہ ان کان راضي ٿي وڃو) يا غوث اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ مان مشتاق کان بہ راضي آهيان (توهان بہ ان کان راضي ٿي وڃو) مان هر دعوتِ اسلامي واري کان، دعوتِ اسلامي جو ڪم استقامت سان ڪرڻ وارن کان راضي آهيان، اي الله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مبلغن جي صدقي مون کان راضي ٿي وڃ، اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي جامعات المدينہ جي طالبن جي صدقي مون کان راضي ٿي وڃ، اي الله عَزَّوَجَلَّ علماءِ اهلسنّت جي صدقي مون کان راضي ٿي وڃ .

عفو کر اور سدا کیلئے راضی ہو جا — گر کرم کردے تو میں شاد رہوں گا یارب
گر تو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی — ہائے میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارب

يا الله عَزَّوَجَلَّ ! منهنجي مشتاق ۽ فاروق کان هميشہ جي لاءِ

راضي ٿي وڃ، اي الله عَزَّوَجَلَّ انهن ٻنهي جي قبرن کي نور سان ڀري ڇڏ، اي الله عَزَّوَجَلَّ نورِ حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلون سان انهن ٻنهي جون قبرون آباد ڪري ڇڏ، انهن ٻنهي جي صدقي ۾ مون غريب کان بہ راضي ٿي وڃ، اسان کي توبہ تي استقامت نصيب ڪر، اسان کي گناهن کان بچاءِ، مولا! اسان سيني کي مدني انعامات جو عامل بڻاءِ، اسان سيني کي مخلص عاشقِ رسول بڻاءِ، هڪ غريب الوطن ويچارو ڪو مسافر بہ هتي (يعني صحراءِ مدينہ ۾ گهٽو اگ کان) دفن ٿيل آهي اي الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڪرم ڪر ان جي بخشش ڪر، يا الله عَزَّوَجَلَّ ان جا بہ درجا بلند ڪر، اِلٰهُ الۡعٰلَمِين اسان سيني کي مديني ۾ زيرِ گنبذ خضراء جلوهء محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ شهادت نصيب فرماءِ، جنّت البقيع ۾ مدفن ۽ جنّت الفردوس ۾ اسان کي حاجي فاروق، حاجي مشتاق ۽ هر دعوتِ اسلامي واري ۽ هر دعوتِ اسلامي واريءَ کي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي تہ گهرڻ بہ نہ ٿو اچي، جيڪو اسان گهريو اهو بہ عطا ڪر ۽ جيڪو نہ گهريو سين اهو بہ عطا ڪر، اِلٰهُ الۡعٰلَمِين اسان حساب جا قابل ناهيون، تون اسان کي بي حساب بخش، ياالله عَزَّوَجَلَّ پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انبياء و مرسلين عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو صدقو، صحابہ و تابعين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم جو واسطو، تمام اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جو واسطو، خصوصاً منهنجي مرشد غوث اعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو واسطو، منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو واسطو، منهنجي پير و مرشد قطب مدينہ ضياء الدين مدني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو واسطو هن (يعني حاجي فاروق) جي مغفرت فرماءِ، ڪيس بي حساب بخشي ڇڏ، سندس قبر کي نور سان ڀري ڇڏ، سندس قبر کي حد

نگاھ تائين وسيع ڪري ڇڏي، سندس قبر کي جنت جو باغ بڻاءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ ھي دعائون حاجي مشتاق جي حق ۾ بہ قبول فرماءِ، اسان سڀني جي حق ۾ بہ قبول فرماءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ امّت محبوب جي مغفرت فرماءِ، ياالله عَزَّوَجَلَّ مرحوم جي متن مائٽن کي صبرِ جميل ۽ صبر جميل تي اجر عظيم عطا فرماءِ، اِلٰہُ العٰلَمِين حاجي فاروق جي والد صاحب سندن ڀائرن، ڀائٽين، ڀاڻيجن سڀني کي اھا توفيق ڏي تہ اھي سڀ جا سڀ پابندي سان دعوتِ اسلامي جي ھفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع شريڪ ٿين، متي تي مستقل عمامي شريف جو سنّتن ڀريو تاج سجائين ۽ حاجي فاروق جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ھر مھيني ٽن ڏينھن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارا بڻجي وڃن، سندس گھر جي عورتن کي اسلامي ڀينرن جي ھفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شريڪ ٿيڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا۔

صَلَّى اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَلَاةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللّٰه ،

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه

## مزار تي 12 ڪلاڪ ترسڻ وارا

شيخِ طريقت، امير اھلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتھم العاليہ جي ترغيب ڏيارڻ تي 265 اسلامي ڀائر تقريباً 12 ڪلاڪن تائين مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيہ جي مزار تي ترسيا، انھن ترسڻ وارن مان

جامعات المدينہ جا تقريباً 20 مدني عالم، 88 طالب علم، مختلف علائقن سان تعلق رکڻ وارا 157 اسلامي ڀائر شامل هئا، ان دوران نعت خواني اصلاحي بيان ۽ ذڪر و درود سان گڏوگڏ باجماعت نمازن جي ادائيگي جو سلسلو رهيو، اتان ڪان هڪ مدني قافلو هٿو هٿ تيار ٿيو، جيڪو صحراءِ مدينہ ۾ 7 ڏينهن ڪان پوءِ باب الاسلام سنڌ سطح تي ٿيڻ واري سنّتن ڀري اجتماع تائين اتي ترسيل رهيو.

## مفتيءِ دعوتِ اسلامي جو ٽيجهو

مفتيءِ دعوتِ اسلامي الحاج الحافظ القاري محمّد فاروق العطاري المدنيرَحمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیہ جي ايصالِ ثواب جي لاءِ سندن ٽيجهي جي موقعي تي اجتماعي ايصالِ ثواب سومر رات 21 محرم الحرام 1427ھ بمطابق 19 فيبروري 2006ع فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ وارن اسلامي ڀائرن ڀريان تلاوت قرآن ۽ ذڪر و درود جي سعادت حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمدّ الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامَت بَرکاتُهُمُ العَالِیه جو سنّتن ڀريو بيان ٿيو، جنهن ۾ پاڻ مصائب تي صبر ڪرڻ جا فضائل بيان ڪيا، مفتي فاروق رَحمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیہ جي زندگي جا ڪجهہ واقعات ۽ مدني بهارون بہ ذڪر ڪيون ۽ ساڻس پنهنجي محبت جو ڪجهہ هن طرح سان اظهار ڪيو:

اڄ منهنجي فاروق جي هر طرف ڌوم آهي، منهنجي مدني پٽ جي قسمت.........

(پوءِ پاڻ مَدَّظِلّہُ العَالِي اهي جڳهون ڳڻايون جتي جتي ٽيليفون ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي ٽيجهي جو بيان ٻڌو پئي ويو، جڏهن بيان دروان نگرانِ شوريٰ امير اهلسنّت مَدَّظِلّہُ العَالِي کي لکي ڏنو تہ مان هٿو هٿ شرعي

راهنمائي جي حصول جي لاءِ مفتي فاروق رَحۡمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیۡه ڏانهن رجوع ڪندو هئس ته پاڻ مَدَّظِلُّهُ العَالِي عاجزي ڪندي فرمايو) سچي ڳالهه هي آهي ته (نگران شوريٰ وانگر) مان به (شرعي مسائل وغيره جي سلسلي ۾ ڪڏهن ڪڏهن) محمد فاروق عطاري جي طرف رجوع ڪندو هئس، ۽ ڪيئي ڀيرا سندن کان مشورو ڪندو هئس، خدا جو قسم! انهيءَ سبب ڪري مونکي گهڻو صدمو آهي نه ته موت برحق آهي اچڻو ئي آهي (ان ڪانپوءِ فرمايائون) ڪين ايمان جي حفاظت جو ايترو فڪر هوندو هو جو توهان کي ڇا ٻڌايان؟ مون خود سندن معاملات کي ويجهو کان ڏٺوآهي.

ڪنهن ڳالهه کان رجوع ڪرڻ ۾ ڪڏهن مون سندن پيشاني ۾ گهنج نه ڏٺا، ڪيترا ڀيرا ائين ٿيو جو ڪجهه مسائل ۾ پاڻ مون سان گفتگو ڪئي پوءِ يا ته مونکي قائل ڪيائون يا خود قائل ٿي ويا، پر مون ڪڏهن ڪين ناراض ٿيندي نه ڏٺو ته مون هيترا ڪتاب پڙهيا آهن ......... بلڪ بيشمار ڀيرا عاجزي ڪيائون ۽ مونکي اهوئي چوندا رهندا هئا ته توهان رهنمائي ڪريو، ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو جو مون ڪنهن مسئلي ۾ سندن راءِ پڇي ته چوڻ لڳا جيئن توهان فرمايو ڪيترائي ڀيرا فتاويٰ ۾ ضرورت پوندي هئي ته مون کان مشورو ڪندا هئا ته هي سوال آيو آهي، ان جو جواب ڇا هئڻ گهرجي ۽ مون هيئن لکيو آهي، جيڪڏهن مان چوندو هئس هي جواب هيئن نه بلڪ هيئن هئڻ گهرجي ته مڃي ويندا هئا ۽ فتويٰ روڪي ڇڏيندا هئا يا وري مونکي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون سندن عاجزي جا تمام گهڻا معاملات ڏٺا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ انهن تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي، پاڻ مون کي ڪيترائي ڀيرا

چيائون تہ مون کي تمام تنظيمي ذميدارين کان ڇڏائي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ۽ مون کان ڪم وٺندا رهو، توهان جيڪو چوندؤ مان ڪندو رهندس، پر مان ڪين جواب ڏيندو هئس تہ مان توهان کي ڪيئن رکان توهان ڪم جا ماڻهو آهيو ۽ ڪم جي ماڻهوءَ کي گهر ۾ ناهي ويهاريو ويندو، هي بہ اصرار ڪندا رهيا تہ هلو گهٽ ۾ گهٽ منهنجي گهر اچي ڪري رهو، پاڻ مونکي پنهنجو گهر ڏيکاريائون، ڪمرو ڏيکاريائون ۽ چوڻ لڳا جهڙو ڪمرو چوندؤ اسان نهرائينداسين، هيٺ اسان جو گهر ڪرايي تي آهي ۽ فلاڻي تاريخ تي خالي ٿيڻ وارو آهي! اسان مستقل طور تي خالي ڪرائي ڇڏينداسين ۽ هاڻي نئون اجارو نہ ڪنداسين، توهان هتي رهي پئو اسان جا گهر وارا بہ توهان جا منتظر آهن، پر منهنجون ڪجهہ مجبوريون هيون جن جي سبب مان اتي نہ پئي رهي سگهيس چو تہ سندن گهر آباد علائقي ۾ آهي ۽ مون کي تحريري ڪم جي لاءِ يڪسوئي گهرجي، جڏهن عوام کي خبر پئي ها تہ اهو ملاقات جي لاءِ اتي پهچي وڃي ها بهرحال سندن خواهش هئي ۽ ڪيترائي ڀيرا پاڻ چيائون تہ اسان وٽ اچي ڪري رهو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کين جزاءِ خير عطا فرمائي." (هن بيان کي مڪمل طور تي ٻڌڻ جي لاءِ هن بيان جي ڪيسٽ "مفتيءِ دعوتِ اسلامي جي ٽيجهي جو بيان" مڪتبة المدينہ تان حاصل فرمايو)

## باب الاسلام جي اجتماع ۾ دعا جا الفاظ

(باب الاسلام سنڌ) سطح تي ٿيڻ واري ٽن ڏينهن جي سنّتن ڀريي اجتماع تي امير اهلسنّت مَدَّظِلّهُ العَالِي مفتي محمّد فاروق رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه جي لاءِ هيئن دعا ڪئي) اسان جا مفتيءِ دعوتِ اسلامي حاجي محمّد فاروق رڪن شوريٰ هئا ۽ اسان جي دلين جي ڌڙڪن هئا، تمام قيمتي

هيرا هئا، پاڻ ڏاڍي محتاط زندگي گذاري، پاڻ خوفِ خدا جا پيڪر هئا. اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو سندن جي باري حسنِ ظنّ آهي تہ هي تنهنجا ولي هئا، اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي هن حُسنِ ظنّ جي لڄ رک ۽ سندن جي مغفرت فرماءِ .

## ايصالِ ثواب

اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ! ڪثير اسلامي ڀائرن مفتي محمّد فاروق عطاري رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه جي لاءِ تمام گهڻو ايصالِ ثواب ڪيو. وفات جي ٽين رات تائين دنياءِ دعوتِ اسلامي کان موصول ٿيڻ وارن نيڪين جي تحفن جو ڪجهہ تفصيل ملاحظ ٿئي.

| | | |
|---|---|---|
| قرآن پاڪ | 69281 | اوڻهتر هزار ٻہ سؤ ايڪياسي |
| مختلف سيپارا | 90423 | نوي هزار چار سؤ ٽيويهہ |
| مختلف سورتون | 388744154 | اٺتيهہ ڪروڙ ستاسي لک چوئيتاليهہ هزار هڪ سؤ چوونجاهہ |
| حج | 5 | پنج |
| عمرا | 17 | سترنهن |
| طواف | 7 | ست |
| ڪلمو شريف | 57921215 | پنج ڪروڙ اوڻاسي لک ايڪويهہ هزار ٻہ سؤ پندرهن |
| درود شريف | 2397742010 | ٻہ ارب اوڻتاليهہ ڪروڙ ستهتر لک ٻائيتاليهہ هزار ڏهہ |
| تسبيحات | 2061656 | (ويهہ لک ايڪهٺ هزار ڇہ سؤ ڇاونجاهہ |
| مدني قافلا | 1961 | اوڻيهہ سؤ ايڪهٺ |
| اسلامي ڀينرن جي طرف کان شرعي پردي (مدني برقعي) جون نيّتون | 852 | اٺ سؤ ٻاونجاهہ |

## مدني بهارون

(1) جامعة المدينہ فيضانِ مصطفيٰ ميٽروول باب المدينہ

(ڪراچي) جي طالب علم خواب ۾ ڏٺو تہ مفتي محمّد فاروق عطاري رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه جو جنازو سونهري چارين جي سامهون رکيل آهي ۽ ٻيا مفتيان ڪرام ۽ علماءِ ڪرام بہ اتي گڏ هئا تہ ايتري ۾ وري ان خواب ئي ۾ طالب علم مفتي محمّد فاروق عطاري رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه جي چهري تان نقاب ڪنيو تہ مفتي فاروق صاحب ذِڪرُالله ۾ مشغول هئا ۽ اعلان ڪيو ويو تہ سڀ زيارت ڪري وٺن.

**الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمين بِجاهِ النَّبيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(2) تدفين کان پوءِ پهرين رات ئي مزار شريف تي ترسڻ واري هڪ اسلامي ڀاء ٻڌايو تہ مون خواب ۾ ڏٺو تہ مسجد نبوي شريف جا پيارا نظارا آهن، امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري مَدَّظِلُّهُ العَالِي، حاجي مشتاق عطاري رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه، مفتي فاروق عطاري رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه ۽ نگران شوريٰ موجود آهن، امير اهلسنّت مَدَّظِلُّهُ العَالِي، حاجي مشتاق رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه کان دريافت فرمائي رهيا آهن تہ توهان کان بعد اسان حاجي عمران کي نگران بڻايو هو هاڻي مفتي فاروق رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه جي جڳهہ ڪنهن کي ذميداري ڏيون.

**الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمين بِجاهِ النَّبيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(3) هڪ نوجوان جو بيان پنهنجي انداز ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو، مان 18 محرم الحرام 1427ھ چنڇر جي ڏينهن صبح جي وقت دعوتِ اسلامي جي مدني مرڪز فيضان مدينہ کان ڪجهہ فاصلي تي گذري رهيو هئس تہ مون سريلي آواز ۾ نعت شريف جو آواز ٻڌو، ان آواز واري طرف هلندو فيضانِ مدينہ جي قريب اچي پهتس تہ اتان

ڪان ٽيپ رڪارڊ تي مرحوم حاجي مشتاق عطاريرَحۡمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَیۡه جون نعتون هلايون پئي ويون، اتي سبز عمامي وارن جي ڪافي رش ڏسي ڪري معلومات ڪئي تہ خبر پئي تہ مفتي محمّد فاروق نالي رڪنِ مرڪزي مجلسِ شوريٰ انتقال ڪري ويا آهن، مان فيضان مدينہ ۾ داخل ٿيس، فناءِ مسجد ۾ ئي مرحوم جو جسدِ خاڪي رکيل هو ۽ آخري ديدار جي لاءِ ڊگهي قطار لڳل هئي، مان بہ ان قطار ۾ بيهي رهيس ۽ پنهنجي واري تي مون مرحوم جو ديدار ڪيو ڪجهہ دير ڪانپوءِ جنازي نماز ٿي مان ان ۾ بہ شريڪ هئس. مان دعوتِ اسلامي ڪان بلڪل ناواقف هئس، منهنجي لاءِ بلڪل نئون ماحول هو ۽ انداز بہ بين جنازن ڪان بلڪل مختلف هو، رقت انگيز فضا ۽ نوراني چهرن منهنجي دل کي پنهنجي گرفت ۾ ورتو، مان پنهنجو ڪم ڪار سڀ وساري ڪري جنازي سان گڏ هلڻ لڳس خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ وارن جذباتن سان گڏوگڏ آهُن ۽ سڏڪن سان مرحوم کي مٽي حوالي ڪيو ويو، مان پنهنجي دل ۾ عجيب ڪيفيت کڻي موٽيس، رات جڏهن ستس تہ خواب ۾ هڪ ڪمري جي چوڌاري رش ڏٺم، ماڻهو ان ڪمري ۾ جهاتيون پائي ڏسي رهيا هيا مون بہ جهاتي پائي ڏٺو تہ ٽا ٿو ڏسان تي چار کٽون وڇايل آهن ۽ ٽي شخص چادر وجهي انهن تي ليٽل آهن، چهرو ڪنهن جو نظر نہ اچي رهيو هو، ڪنهن مون کي ٻڌايو تہ هڪ کٽ تي امام عاليمقام حضرت سيدنا امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ آهن، ٻي تي امام عرش مقام حضرت سيّدنا امام حسين شهيد ڪربلا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ آرام فرمائي رهيا آهن، ٽين کٽ واري جو مونکي نالو نہ ٻڌايو ويو پر ان بزرگ خود ئي پنهنجي منهن تان چادر هٽائي تہ اهو ڏسي مان حيران ٿي

ويس تہ اڄ مون جن جو آخري ديدار ڪيو، جنازو پڙهي تدفين ۾ حصو ورتو اهي ئي مفتيء دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد فاروق عطاري المدني رَحۡمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَيۡه مسڪرائيندي منهنجي طرف ڏسي رهيا آهن اهو خواب ڏسڻ کانپوءِ مان وڏيڪ متاثر ٿيس ۽ مون امير اهلسنّت مَدَّظِلُّہُ العَالِي وٽ وڃي ملاقات ڪئي، پنهنجو خواب بہ ٻڌايو، پاڻ مون تي ڪافي شفقت ڪيائون ۽ مدني قافلي ۾ سفر وغيره جون سنيون سنيون نيّتون ڪرايون ۽ مون مدني قافلن ۾ سفر سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ شموليت جي نيّت جو اظهار بہ ڪيو. **اللہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(4) هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان آهي تہ مون خواب ۾ ڏٺو تہ جنّت جو منظر آهي ۽ جنّت کي سجايو پئي ويو، مون ڪنهن کان دريافت ڪيو تہ اها ڇو ٿي سجائي وڃي تہ ان جواب ڏنو تہ هتي فاروق مدني رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه تشريف کڻي اچڻ وارا آهن پوءِ مون ٻيهر ڏٺو تہ جنّت جا حسين نظارا آهن ۽ مفتي صاحب رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرشتن جي جهرمٽ ۾ پينگهي ۾ لڏي رهيا آهن. **اللہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مدني گذارش

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!**

**اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ** عَزَّوَجَلَّ مفتيء دعوتِ اسلامي الحافظ الحاج محمّد فاروق العطاري المدني رَحۡمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَيۡه جو اعليٰ مثالي ڪردار سندن مرشد ڪامل شيخِ طريقت امير اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت

علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري دامَت بَرکاتُھُمُ العَالِیہ جي مدني تربيت جو نتيجو آهي، ان لاءِ هي چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ مفتيِ صاحب رَحمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي ذات جي متعلق ٿيندڙ تمام تعريفن جا مرجع دراصل اميرِ اهلسنّت دامَت بَرکاتُھُمُ العَالِیہ آهن، جنهن جو اعتراف خود مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ خود پنهنجي حيات ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو تہ ”مون کي جيڪا عزت ملي، منهنجي مرشد جو صدقو آهي.“ دعوتِ اسلامي جي باني ۽ امير، شيخِ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمّد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامَت بَرکاتُھُمُ العَالِیہ ڪان ڪير واقف ناهي؟ پاڻ دامَت بَرکاتُھُمُ العَالِیہ اها يادگار سلف شخصيت آهن جيڪي ڪثير الڪرامات بزرگ هئڻ سان گڏوگڏ احڪاماتِ الاهيہ جي بجا آوري ۽ سنّن نبويہ جي پيروي ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جا بہ روشن نظير آهن، پاڻ پنهنجي بيانات، تحريري رسائل، ملفوظات ۽ مڪتوبات جي ذريعي پنهنجي متعلقين ۽ بين مسلمانن کي اصلاح اعمال و عقائد جي تلقين فرمائيندا رهندا آهن، سندن قابل تقليد مثالي ڪردار ۽ تابع شريعت پاڪيزه گفتگو سڄي دنيا ۾ لکين مسلمان بالخصوص نوجوانن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي.

اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ! اهو سندن جي ئي ڪوشش جو نتيجو آهي تہ هن مختصر عرصي ۾ دعوتِ اسلامي جو پيغام (تا دم تحرير) دنيا جي تقريباً 200 ملڪن ۾ پهچي چڪو آهي، هزارين جڳهن تي سنّتن ڀري هفتيوار اجتماعات ۽ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارا بيشمار مبلغن هن مقدس جذبي جي تحت اصلاحِ امت جي ڪمن ۾ مصروف آهن تہ ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي

ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آھي.“ ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ.
اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ! ھن مدني ماحول جي برڪت سان لکين مسلمانن کي گناھن کان توبہ جي توفيق ملي ۽ اھي تائب ٿي ڪري صلوٰة و سنّت جي راھ تي گامزن ٿي ويا، جيڪي بي نمازي ھئا، نمازي بڻجي ويا. بدنگاھي جا عادي نظرون ھيٺ رکڻ جي سنّت تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي ويا، پردي جي رعايت نہ ڪرڻ واريون بي پردگي کان ائين تائب ٿي ويون جو مدني برقعو انھن جي لباس جو حصو بڻجي ويو، ماءُ پيءُ کان گستاخانہ انداز اختيار ڪرڻ وارا انھن جو ادب ڪرڻ وارا بڻجي ويا، جن جي حرڪتن جي ڪري ڪڏھن پورو محلو تنگ ھو، اھو سڄي علائقي جي اکين جو تارو بڻجي ويا، چوري ۽ ڌاڙي جا عادي ٻين جي عزّت و آبرو جي حفاظت ڪرڻ وارا بڻجي ويا، ڪنھن غريب کي ڏسي ڪري تڪبر سان ناراض ٿيڻ وارا عاجزي جا پيڪر بڻجي ويا، ھر وقت حسد جي باھ ۾ سڙڻ وارا ٻين جي علم و عمل ۾ ترقيءَ جون دعائون ڏيڻ وارا بڻجي ويا، گانا ٻڌڻ جا شوقين سنّتن ڀرئي بيانات ۽ مدني مذاڪرات جي ڪيسٽ ٻڌڻ وارا بڻجي ويا، فحش ڪلامي ڪرڻ وارا نعتِ مصطفيٰ پڙھڻ وارا بڻجي ويا، يورپي ملڪن جي رنگينين کي ڏسڻ جا خواب پنھنجي اکين ۾ سجائڻ وارا گنبد خضريٰ جي زيارت جي لاءِ تڙپڻ وارا بڻجي ويا، مال جي محبت ۾ مرڻ وارا فڪرِ آخرت ۾ مبتلا رھڻ وارا بڻجي ويا، شراب پيئڻ جي عادت وارا عشقِ مصطفيٰ جا جام پيئڻ وارا بڻجي ويا. پنھنجو وقت فضوليات ۾ برباد ڪرڻ وارا پنھنجو اڪثر وقت عبادت ۾ گذارڻ جي لاءِ مدني انعامات جا عامل بڻجي ويا، فحش رسائل و ڊائجيسٽ جا شوقين

اميرِ اهلسنّت مَدَّظِلُّهُ العَالِي و علماءِ اهلسنّت دَامَتۡ فُيُوۡضُهُم جا رسائل ۽ بين ديني ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ وارا بڻجي ويا. تفريح جي خاطر ٽوئر تي وڃڻ جا عادي راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ وارا بڻجي ويا. ”ڪائو، پيئو ۽ جان بڻايو“ جي نعري کي پنهنجي زندگي جو محور قرار ڏيڻ وارا هن مدني مقصد کي اپنائڻ وارا بڻجي ويا تہ ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. ان شآءَالله عَزَّوَجَلّ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن توهان اڃا تائين دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ماحول کان دور آهيو تہ مدني مشورو آهي تہ اڄ ئي هن مدني ماحول سان هميشہ جي لاءِ وابستہ ٿي وڃو ان وابستگي جي نتيجي ۾ اسان کي دنيا و آخرت جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. ان شآءَالله عَزَّوَجَلّ.

مدينہ: دعوتِ اسلامي جي مدني بهارن جي باري ۾ تفصيلي طور تي ڄاڻڻ جي لاءِ ”خوش نصيب زال مڙس، ڪافر خاندان جو قبول اسلام، خوفناڪ حادثو، دعوتِ اسلامي جون بهارون، حصو پهريون ۽ ٻيو نالي رسالن جو ضرور مطالعو فرمايو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!

اَلۡحَمۡدُلله عَزَّوَجَلّ باني ۽ دعوتِ اسلامي، شيخِ طريقت امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه اسلامي ڀائرن کي پنهنجا ڏينهن ۽ راتيون شريعت جي مطابق گذارڻ جي لاءِ 72، طالبن کي 92 ۽ اسلامي ڀينرن کي 63 مدني انعامات عطا فرمايا آهن، اسان کي گهرجي تہ انهن انعامات تي عمل ڪريون ۽ با ڪردار مسلمان بڻجڻ لاءِ مڪتبة

المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان مدني انعامات جو ڪارڊ حاصل ڪريون ۽ روزانو فڪر مدينہ يعني پنهنجي محاسبي جي ذريعي ڪارڊ پري ڪري هر مدني يعني قمري مهيني جي ابتدائي ڏھ ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايون. انشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ! اسان جي زندگي ۾ حيرت انگيز طور تي مدني انقلاب برپا ٿيندو.

دعوتِ اسلامي جي سنت جي تربيت جي لاءِ عاشقان رسول جا بيشمار مدني قافلا 12 مهينن، 30 ڏينهن، 12 ڏينهن ۽ 3 ڏينهن جي لاءِ هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين ۽ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين سفر ڪندا رهندا آهن، توهان بہ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪري پنهنجي آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪيو. پنهنجي روزمره جي دنياوي مصرفيات ترڪ ڪري پنهنجي گهر وارن ۽ دوستن جي صحبت ڇڏي ڪري جڏهن اسان انهن مدني قافلن ۾ سفر ڪنداسين تہ انهن مدني قافلن ۾ سفر جي دوران اسانکي پنهنجي طرز زندگي تي ديانتدارانہ غورو فڪر جو موقعو ميّسر ايندو، پنهنجي آخرت کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي خواهش دل ۾ پيدا ٿيندي. جنهن جي نتيجي ۾ هن وقت تائين ڪيل گناهن جي ارتڪاب تي ندامت محسوس ٿيندي، انهن گناهن جي ملندڙ سزائن جو تصور ڪري لڱ ڪانڊارجي ويندا، ٻئي طرف پنهنجي ناتواني ۽ بيڪسي جو احساس ٿيندو ۽ جيڪڏهن دل زنده هوندي تہ خوف خدا جي سبب اکين مان بي اختيار ڳوڙها نڪري ڳلن تي وهڻ لڳندا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهن مدني قافلن ۾ مسلسل سفر ڪرڻ جي نتيجي ۾ فحش ڪلامي ۽ فضول گوئي جي بدران زبان تان

درود پاڪ جاري ٿي ويندو. اها تلاوت قرآن، حمدِ الاهيعَزَّوَجَلَّ ۽ نعت رسول جي عادي بڻجي ويندي، دنيا جي محبت ۾ بڌل دل آخرت جي بهتري جي لاءِ بي چين ٿي ويندي. ان شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

ان کان علاوه پنهنجي پنهنجي شهرن ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ وقت جي پابندي وقت سان شرڪت فرمائي خوب خوب سنّتن جون بهارون ماڻيو.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مفتي دعوت اسلامي جي جڏهن قبر کلي

شيخِ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه پنهنجي ڪتاب "غيبت جون تباهه ڪاريون" ۾ صفحي 460 تي لکن ٿا: تَبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي مرڪزي مَجلسِ شُوريٰ جي رُڪن مُفتِيءِ دعوت اسلامي محمّد فاروق عطاري المدني عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الغني جي باري ۾ منهنجو حُسنِ ظَن آهي ته اهو دعوت اسلامي جو مُخلِص مُبلّغ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارو بُزُرگ هو، جڻ ته ان حديث پاڪ جو مِصدَاق (نمونو) هو. كُن فِي الدّنيا كَاَنَّكَ غَرِيبٌ (يعني: دنيا ۾ اهڙيءَ طرح رهو جڻ ته اوهين مسافر آهيو)

(صَحيح بُخاري ج 4 ص 223 حديث 6416)

18 مُحرَّمُ الحَرَام 1427ھ مطابق 17-02-2006 بروز جمعه، جُمعي جي نماز ادا ڪرڻ بعد پنهنجي قِيام گاهه واقع (گلشن اقبال، باب المدينه ڪراچي) ۾ اوچتو دل جي حرڪت بند ٿيڻ ڪري تقريبًا 30

سالن جي جواني ۾ اِنتقال فرمائي ويا، سندن کي صحراءِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ دفن ڪيو ويو، وِصال مبارڪ جي تقريبًا 3 سال 7 مهينا 10 ڏينهن ڪانپوءِ يعني 25 رَجبُ المُرَجَّب 1430ھ مطابق 18-07-2009 ڇنڇر ۽ آچر جي وچين رات باب المدينہ ڪراچي ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين تيز برسات ٿي، جنهن جي ڪري مُفتيءِ دعوتِ اسلامي الحَافِظ الحاج محمّد فاروق عطاري عَلَیہِ رَحمَۃُ اللہِ البَارِي جي قبر وچ مان ڪلي وئي، جيڪي اسلامي ڀائر صحراءِ مدينہ ۾ حفاظتي ڪمن تي مقرر هئا، انهن صبح جي وقت ڏٺو تہ قبر مان سائي رنگ جي روشني نڪري رهي هئي، عارضي طور تي قبر صحيح ڪرڻ وارن اسلامي ڀائرن جو حَلفِيہ (يعني قسم کڻي) ڪجھ ائين بيان هو تہ اسان ڏٺو تہ دفن ڪرڻ جي تقريباً ساڍن ٽن سالن ڪانپوءِ بہ مفتيءِ دعوت اسلامي قُدِّسَ سِرُّہُ السّامي جو مبارڪ لاش ۽ ڪفن اهڙي طرح سلامت هو تہ ڄڻ تہ هاڻي هاڻي انتقال ٿيو هجي، ڪفن پارائڻ وقت رکيو ويندڙ سَبز سَبز عِمامو شريف سندن جي مٿي مبارڪ تي پنهنجا جلوا لٽائي رهيو هو، عمامي شريف جي ساڄي پاسي کَنَ جي ويجهو سندن جي وَارن جو ڪجھ حصو پنهنجون بهارون ڏيکاري رهيو هو، پيشاني شريف نوراني هئي ۽ چهرو مبارڪ قبلي طرف هو، مفتيءِ دعوتِ اسلامي جي قبر مبارڪ مان اهڙي تہ خوشبو اچي رهي هئي جو مشام جان مُعَطّر ٿي ويا، قبر ۾ بارش جو پاڻي لهي وڃڻ ڪري اهو اِمڪَان هو تہ قبر وڌيڪ ڏبجي نہ وڃي ۽ سِرون مرحوم جي پاڪ وجود کي صدمو نہ پهچائن، ان ڪري ان واقعي جي تقريباً ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ يعني اَربَع جي رات 6 شَعبان المُعَظّم 1430ھ 28-07-2009ع مفتي سڳورن ۽ عالم سڳورن جي

موجودگي ۾ ۽ پڻ هزارين اسلامي ڀائرن جو وڏو مَيڙ جمع هيو، غلام زاده ابو اُسيد حاجي عُبيد رضا اِبنِ عَطار مدني سَلّمَهُ اللهُ الغني، اڳ ۾ ئي ٽيل شگاف جي ذريعي قبر ۾ لٿا ته جيئن اهو اندازو لڳائي سگهن ته قبر جي مرمت جي لاءِ جسم مبارڪ ٻاهر ڪڍڻ جي ضرورت آهي يا اندر ئي اندر قبر شريف جي تعمير ٿي سگهي ٿي، انهن اندر جو جائزو ورتو ۽ اندران ئي دعوت اسلامي جي دَارُالاِفتاء اهلسنّت جي مفتي صاحب کي سڄي صورت حال بيان ڪئي، انهن بدن مبارڪ ٻاهر نه ڪڍڻ جو حڪم فرمايو. غلام زادي حاجي عُبيد رضا کي مُووِي ڪيمِيرا ڏني وئي، انهن پراڻي قبر جي اندروني ماحول ۽ مٽان مٽي وغيره ڪِرڻ جي باوجود اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ ان عمامو شريف، پيشاني مبارڪ ۽ وارن جي ڪجهه حصن جي ڪامياب مُووِي ناهي ورتي، جيڪا ڪجهه ئي دير ڪانپوءِ ”صَحراءِ مدينه“ ۾ لڳايل مختلف اسڪرينن تي هزارين اسلامي ڀائرن کي ڏيکاري وئي، ان وقت ماڻهن جا جذبا ڏسڻ وٽان هئا. اهو رُوح پَروَر منظر ڏسي بيشمار اسلامي ڀائر ڳوڙها ڳاڙي وينا. ان ڪانپوءِ اچڻ واري رات يعني اَربَع ۽ خميس جي وچين رات براهِ راست (يعني 7 شعبَان المُعَظّم 1430ھ 29-07-2009) تي دعوتِ اسلامي جي مدَني چينل تي ”**خصوصي مدني مُذَاڪَرو**“ نشر ڪيو ويو، جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جي لکين ناظرين کي ڪيميرا جي اندر محفوظ ٽيل قبر جو اندروني منظر ۽ مفتيءِ دعوتِ اسلامي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ البَارِي جي تقريبًا ساڍا ٽي سال پراڻي صحيح سلامت لاش مبارڪ جي عمامي شريف، پيشاني مبارڪ ۽ زلف يعني وارن مبارڪ جي ڪجهه زيارت ڪرائي وئي. جيئن ته اها خبر هر طرف جهنگ جي باهه وانگر

پڪڙجي چڪي هئي ان ڪري مختلف شهرن جي جدا جدا علائقن جي اسلامي ڀائرن جي بيانن جو خلاصو آهي تہ خصوصي مدني مڪالمي دوران ڪيتريون ئي گهٽيون ۽ بازارون اهڙي طرح سنسان ٿي ويون هيون جهڙي طرح مسلمانن جي علائقي ۾ رمضانُ المُبارڪ ۾ اِفطار جي وقت ٿينديون آهن، ۽ T.V تي گهر گهر مان خُصُوصي مدني مُڪالمي جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو، هوٽلن ۽ حَجمَن جي دوڪانن وغيره ۾ جتي جتي T.V سيٽ موجود هئا، اتي عوام ميڙن جا ميڙ گڏ ٿي مدني چينل تي مفتيءِ دعوت اسلامي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ البَارِي جي مدني بهارن جا نظارا ڪري رهيا هئا. هڪ اِطلاع مطابق مدَني چينل تي خُصوصِي مدني مُڪالَمو ٻڌي ۽ مفتيءِ دعوتِ اسلامي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ البَارِي جي تقريبًا ساڍا ٽي سال پراڻي مبارڪ لاش جون رُوح پَروَر جهلڪيون ڏسي هڪ غير مسلم اسلام قبول ڪري ورتو. اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ ان سلسلي ۾ شبِ براءت 1430 ھ جي مبارڪ موقعي تي هڪ تاريخي V.C.D ”مفتیِ دعوتِ اسلامی کی جب قبر کھلی“ جي نالي سان جاري ڪري ڇڏي ۽ ڪجھ ڏينهن ۾ وڏي تعداد ۾ V.C.Ds وڪامجي ويون آهن.

جبیں میلی نہیں ہوتی دھن میلا نہیں ہوتا
غلامانِ محمد کا کفن میلا نہیں ہوتا

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمین بِجاہِ النّبیِّ الاَمین صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# مفتي دعوت اسلامي خواب ۾ ڏٺايو

ان واقعي کان پوءِ ڪنهن محرمہ مفتي دعوت اسلامي حضرت علامہ مفتي فاروق عطاري المدني عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ الغني جي خواب ۾ زيارت ڪئي تہ پڇايائون: اوهان کي اهو مرتبو ڪيئن مليو؟ مرحوم خاموش رهيا، آخرڪار اصرار ڪرڻ تہ فرمايو: (زبان تي قفل مدينہ لڳائڻ جي ڪري. مرحوم واقعي نهايت سنجيده ۽ گهٽ ڳالهائڻ وارا هئا، اسان سڀني جي لاءِ ان واقعي ۾ خاموشي جي ترغيب آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَي الله ! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

